سنت ڪنور رام

जन्म-शताब्दी 1885 - 1985

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

امر شهيد

سنت ڪنور رام

ليکڪ

پرنسيپال ڪنعيا لعل - ايم تاريجا

بي. اي (آنرز) ايم. اي ميڊلسٽ

ڇپائيندڙ:-

سنت ڪنور رام شيوا منڊل پاڪستان- ڪراچي

سال 1986

پيڻا : ١٥ روپيه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنت ڪنور رام

سنت ڪنور رام شيوا منڊل پاڪستان
ڪراچي

جو ڇهريون پستڪ

ڊسمبر 1986

سمپادڪ: وشارام ڀائي آنند رام ٽارواڻي

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنت ڪنور رام شيوا منڊل پاڪستان ڪراچي

ڪاروباري ڪاميٽيءَ جا ميمبر

۰۱ شري ڀڳوانداس چاولا.
۰۲ شري شنڪرلعل ڏاوائي.
۰۳ شري هيمراج ورما.
۰۴ شري وشا رام ڀائي آنند رام ٿاروائي.
۰۵ شري نانڪ رام.
۰۶ شري ٽيڪچند ڪيٿپال.
۰۷ شري وشن داس لنڊ.
۰۸ شري اندر لعل.
۰۹ شري برت لعل ڪيٿپال.
۱۰ شري واشديو ڪوالائي.
۱۱ شري ڪنعيا لعل گابا.
۱۲ شري پرمانند.
۱۳ شري گلاب راءِ.
۱۴ شري واڌو مل.
۱۵ شري جيئند ڪمار.
۱۶ شري گهنشام داس.
۱۷ شري کيمچند.
۱۸ شري خوبچند.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وشيہ سوچي

			صفحو
٠١	پيش لفظ	وشا رام ڀائي آنند رام	١
٠٢	ڀائي ڪنور	علي احمد بروهي	٣
٠٣	مهاڪپ	پرنسيپال جي - پي واسواڻي	٦
٠٤	پشپانجلي	بئريسٽر ايچ - جي آڏواڻي	٧
٠٥	پشپانجلي	پرنسيپال ڪي - ايم ڪندناڻي	٩
٠٦	پشپانجلي	پروفيسر رام پنجواڻي	١١
٠٧	ليکڪ جي پريچيہ	سنت پيشو رام - پوج ڀڳت ڪنوررام	١٨
٠٨	ليکڪ جي ڪلک مان	پروفيسر ڪنعيا لعل - ايم تلويجا	٢٢
٠٩	پرار ٿنا		٣٥
٠١٠	سونهاري سنڌڙي		٤٣
٠١١	امر شهيد ڀڳت ڪنور رام ٻال اوستا		٤٩
٠١٢	نمرتا ۽ نهٺائي		٧٨
٠١٣	سمدرشٽي		١٠٤
٠١٤	گڏون ڀڳت ڪوٻال		١٢٠
٠١٥	اپديش ۽ سکيا		١٣٤

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻه اکر

"ڪنور تنهنجي ڪوهرن جو ڪٿو اکهائو،
ڪتا ڪارا ڪاٽي ويو سترام سيائو."

سنت سائين سترام داس هڪ نظر ۾ ٿي ٻالڪ ڪنور ۾ مٽيا ڏٺي ۽ پنهنجي داوان ۾ وٺي ڪيس لعلن جو لال بڻائي ڇڏيو. پائي ڪنور رام ٻه پنهنجي گرو کي ڀڳوان جو روپ سمجهي شيوا ڪري پرم گيان ۽ راڳ ودپا حاصل ڪئي. ڪنور رام مڌر ۽ رسيلي آواز ۽ نياز نوڙت سان لکن دلين کي موهي ڇڏيو ۽ هر هڪ ۾ سائين جو جلوو ڏٺو.

"انهد جو اپياس، ڪيو جنهن گر گيات سان،
سهجي ٿي سامي چئي، نانت تنهنجي ناس.
ڪمائين ڪلپت ڪڏي ڪري، تنهن منجهه نواس،
جتن سورج منجهه پرڪاش، تئن جڳت ڏسي جڳديش ۾."

سنت سنڌ ۾ پنهنجي لات ۽ ذات جي پالوٽ ڪئي ۽ پڻ لکين ڪروڙين روپيه هندو مسلمانن ۾ دان ورهايو.

پر دان ڏيڻ مهل سندس اکين کي ٻه خبر نه پوندي هئي ته دان ڪنهن ورتو سنت جو نالو هند سنڌ ۾ مشهور ٿيو ۽ ماڻهو سندس نالي تان سرقربان ڪرڻ لاءِ به تيار هئا. پر هن درويش ۾ اهنڪار جي رتي به نه هئي پر نياز ۽ نوڙت سندس رهڻي جا ضروري انگ هئا. پر افسوس جو ايڪتا جو اوتار سنڌ جو سردار اسان کان جلدي جدا ڪيو ويو. هن جي شهيدي سنڌ لاءِ قهر بڻي، امن ۽ دوستي واري سنڌڙي ۾ ملاوٽ ٿي وئي.

هن درويش جي پيغام کي سنڌ ۾ وري پهچائڻ لاءِ سنت ڪنور رام شيوا منڊل پاڪستان ڪراچي، ڪجهه ڪم شروع ڪيو آهي. منڊل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

طرفان هي پهريون ڪتاب "سنت ڪنور رام" اوهان جي شيوا ۾ پيش ڪجي ٿو.

محترم علي احمد بروهي صاحب جي صلاح سان سنت ڪنور رام جي سوانح حيات تي يا ان سان وابسته ڪنهن به موضوع تي ڇپيل ڪتاب تي منڊل طرفان ليڪ ليڪڪا کي هر سال هڪ گولڊ ميڊل ڏنو ويندو ۽ پڻ ڪنور رام تي يا ڀڳتي جي راڳن تي سٺي ۾ سٺي فنڪار کي به هڪ ميڊل ڏنو ويندو.

هن سلسلي ۾ سڀني ڀائرن کي ونتي ٿي ڪجي ته پنهنجا قيمتي رايا اسان کي لکي موڪلين. جيئن آئنده هن ڏس ۾ وڌيڪ ڪم ڪري سگهجي.

اميد ته هي ڪتابي سلسلو سنت جي ۽ اوهان جي مدد سان جاري رهندو ۽ چند دلين به راحت پهتي ته اسان پنهنجو ڪارڻ سمجهنداسين.

نذيوا ۾

وشا رام ڀائي آنند رام ٽاروواڻي

..ور

راچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حيات پتافي جي شدائي دربار جا سنت

ماتا صاحب هاسي ٻائي ←

سنت منگلا رام →



"سنگيت ٻراٻر ڪنور رام شدائي دربار ۾
الوکي شڪتي هئي ماتا جي گفتار ۾."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گهوٽڪي دربار جا سنت

سائين چانڊو رام ←

→ سائين ڪلو رام

”سادا سودا ڀالا ڀولا
فقير اِن درويش ٺاٺا
هٿ هاج ۾ دل يار ڏي
سدا واراڳ ۾ وتن ٺاٺا“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"ٻيائي ڪنور"

راءِ ڏياچ گرنار جو هاڪارو حاڪم هيو. سندس سخا جي ساک ملڪان ملڪ مشهور هئي. ڪنهن سمي، اٻجل نالي هڪ چارڻ پنهنجو سرندو سينگاري وٽس ڪهي آيو. چنگ چوري، تند تنواري، ساز جي آواز ۽ پنهنجي آلاپ سان راءِ ريجهايائين. راجا راضي ٿي چيو ته مڱتا ''ڪيهر جهڙي گهوڙو اٿيئي.'' سائل سڻي سڻين ته ''جانئي تو مٿيا تنهن سر سوالي آهيان.'' راجا ورائيو ته بس! گهڙي گهڙي ٻه مٿو گهوريو ٿي. چڱا مڙس، سکئي هڏ ڀر ٿو ڳي ڇا هڙ حاصل ٿيندو؟ چڱو ڀلا ٻڌاءِ ته سر ڌڙ سودو ڏيان؟ يا ڌڙ سواءِ سائل سر جي سودي تي اٽل رهيو. ڏياچ ڪنڌ نوايو ۽ مرڪندي هڪل ڪيائين، ''ته وڍ سر تي سرهو.'' پوءِ بقول ڀٽائيءَ جي ''تند ڪنارو ڪنڌ، ٽيئي پرتا پاڻ ۾.''

اسان نه ٻيجل ڪي ٻڌو ۽ نه راءِ ڏياچ ڏٺو. پر هڪ اهڙو لکن جو رانجهو ضرور ڏٺو ۽ ٻڌو جو سريلو ٻه رس پريو هيو، وري سخي ٻه اهڙو جو ڏيئي نه پڇاري ۽ پڇاڙيءَ جو سر ڏيئي سرهو ٿي ابدي حياتي ماڻيائين. اهڙو ماڻهو جو لال ۽ سنڌڙيءَ جو راءِ ڏياچ هيو، ٻيائي ڪنور ڀڳت.

ٻيائي ڪنور، ميرپور ماٿيلي تعلقي جي هڪ ''واهڻ'' ''جروار'' جو ڳوٺاڻو ۽ هڪ مسڪين ۽ فقير منش ماڻهو هيو. سندس علمي لياقت ته پنجن سنڌي درجن ۽ هٿڪي اکرن جي سڃاڻ تائين محدود هئي پر اندر جو سوجهرو الاهي هيس، جنهن جو جرڪو سندس پيشانيءَ ۾ پيو ٻکندو هيس. ڏيک ويک کان ڪوهين ڏور، ڪپڙي لٽي ۾ سادڙو، ڳالهه ٻولهه ۾ سٻاجهڙو، نماڻو ۽ قربائتو هيو. ٻيا جوان ۽ ٻار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تہ چڏ پر اڌ اگھاڙي پينو فقير سان بہ ڳالھائيندو تہ بيٺي هٿ ٻڌي! چڻ هٿ جوڙي معافي وٺي رهيو هيو. مون کي ياد نہ آهي تہ ڪنور، سواء ٻانهون ٻڌڻ جي ڪنهن سان بہ مخاطب ٿيو. معلوم ائين ٿيندو هيو ڄڻ سندس ٻنهي هٿن جي ڪراين ۾ آزي ۽ عاجزيءَ جون هٿڪڙيون پيل هونديون هيون.

جي عاجزي سندس عادت هئي تہ راڳ سندس عبادت هئي. ننڍي لاڪر ڳائڻ سان دلي لڳاءُ هيس جو وڌندي وڌ ويڙهي ٿي، سندس رڳ رڳ کي وڪوڙي منجهس سمائجي ويو. ڳائڻ ذات آهي جنهن کي ڏاتر ڏني، پوءِ کي ان کي پيٽ پوڄا جو وسيلو بڻائن، ۽ کي ان پاڪيزه سوغات کي جسماني خواهش ۽ نمائش سان ڳاڏڙ ڪري پنهنجي ڪاڪ ڪاري ڪن. ڀائي ڪنور ”آلاپ“ کي سچي سائينءَ جي سوکڙي ڄاڻي ڪيس ڀڳوان جي ڀڳتي لاءِ ارپڻ ڪري ڇڏيو. ڀڳت ۾ آئي پنهنجي آلاپ جي ابتدا ”سائين جي ساراه“ سان ڪندو ۽ هميشہ پوئين اسر کان شروع ٿي پره ڦٽيءَ تائين ڳائيندو ۽ نچندو رهندو هيو. سر آساوري ۽ پرڀاتي سندس دلپسند سر هوا. اسر ويل اتي ’الک اورڻ‘ جي لئہ ۽ سواد جو پتو انهن کي بخوبي هوندو جن پنيرڪي جو اتي پنهنجو رام ريجهايو هوندو. مون جهڙن گڏهن کي کهڙي خبر انق واري خمار جي، جن پنهنجي عمر ۾ سج کي اڀرندي ٽي بہ چار دفعا مس ڏٺو هوندو.

ڀائي ڪنور جي ڀڳت ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جهڙي هوندي هئي. نوڙي جو ان لاءِ اوڃاڳو ۽ اوسيئڙو ڪڏنو پوندو هيو. ڇاڪاڻ تہ جڏهن هٿو مٿو ٽري، اڌ رات وهامي اسر ٿئي تہ پوءِ ڪنور نڪري نروار ٿيندو. جسم تي جامون جلويدار پهريل، مٿي تي پڳڙي ۽ ڪڇي ڳل ٻوڇڻ جو ڳارو ۽ پيرن ۾ گهنگهرو. ڇيم ڇيم ڪندي ايندڙ ڏسبو تہ اهوئي بيٺي ٻانهون ٻڌل، ڪنڌ ۽ ڪياڙي نوڙت ۽ نيازيءَ ۾ جهڪيل، هر آئي وٺي ۽ هر ويٺل ۽ بيٺل کي نمسڪار ۽ پرنام ڪندي، ميڙ جي وچ ڏاري اچي پنهنجي جاءِ تي ويهندو. جوڙيل هٿ نوڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هڪ ڪن تي ۽ ٻيو هٿ ٻڌندڙن جي رخ ۾ سڌو ڪندي چپ چوريندو، ته ٻهران هڪل اها هوندي ته "شل ڪا ٻاجهه پوئي."

پوءِ شروع ٿيندو ڪلام عارفاڻو يا فقيراڻو. ڪڏهن ڪبير يا فريد جو، ڪڏهن بيڪس ۽ بيدل. پر عام طور تي "شاهه پٺائي." ڪنبڙي"۽ جي فقيرن يا گهڻو ڪري پٺائي کهوٽ جي ڪلام ڳائيندي ڪنور جي ڪيفيت ڏسڻ وٽان هوندي هئي. آلاپ کي عروج ۽ اوج تي آڻي موج ۾ مست هاٿي"۽ جيان پيو نچندو جهومندو ۽ رڙندو "مون کي تن ماروئڙن جي، تن سانگيئڙن، تن ڏوٽيئڙن جي- آهه ڪانگا، آهه ڪانگا ڪر ڳالهه مون کي تن پانڌيئڙن جي......" ايو اوساريندي سندس نماڻن نيڻن مون نير جاري ٿيندو. اکين جو آب ڇلڪندي ريلا ڏيئي پيو وهندو ۽ نچندي وڏ ڦڙي جيان پيو ٽمندو. آلاپ جو اهو پتو نه پوندو ته گونج آهي يا گاج. "ڪين وٽن، ڪين وٽن ... ڪين وٽن تنهنجا ماڙيون ۽ بنگلا.... مصرح تي اچي سندس ڪنڌ ڏوڻ به لهر ۾ ايندي . ڪين وٽن .... سون ڪڙيون ڪنمال .... مون کي تن ماروئڙن جي...." ٻهريون پاڻ اڪيلو تي رنو ۽ رڙيو پوءِ ته "ڪيئي وڏيرا روئندي ڏٺم راڄ ۾." ڪنور جو ڪمال اهو جو هر جسي"۽ ۾ جادو لائيندو هيو. محسوس ائين پيو ٿيندو ته هر ٻڌندڙ جو اندر مالڪ اڳيان پيو ٻاڪاري ته "ڪڏ بنديائي هن بند مون، آهه ٻن ڏيان هن خاڪي ڪوٽ ۽ سندس سونهري ڪنگرن کي."

ورهاڱي کان اڳ "پڳت" هندو سنڌي ثقافت جو اهم حصو ليکي ويندي هئي. هر ڳوٺ خواهه شهر ۾ عام ڏڻن، ورسين يا خوشي"۽ جي موقعن تي "پڳت" جو انتظام ڪيو ويندو. اڄ ڪلهه جي قوالن جيان پڳتن جون ڪيئي ٽوليون هونديون هيون. پڳتين ۾ شهري ۽ ڳوناڻا هر قسم جا ماڻهو شريڪ ٿيندا هوا ۽ ماڻهن جي ميڙ جو دارومدار پڳتن جي ساک تي هوندو هيو. ڪنور جي پڳت هڪ عوامي ميلي جي ڏيک ڏيندي هئي. ماڻهن جي پيهه جو سبب ڪنور جي آلاپ علاوه سندس سخا پڻ هئي. جو ڪجهه معاوضه ملندو هيس، اهو تڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تي غريبن ۽ فقيرن درميان ورهائي ڇڏيندو هيو ۽ ڪيس ڪافي ڪجهه پلئه پوندو هيو. هڙان ته ڏيندو هيو پر جي حاجتمند ۽ محتاجن جي حاج پوري ٿيل نه ڏسندو هيو ته پڳت دوران پنهنجي "جهولي" جهليندو هيو. پهرياڻ جو پاند هٿن ۾ ڦهلائي هوڪو ڏيندو ته "پائي ڏهه هزاري جهولي آهي جو پريندو ۽ جس ڪٽندو ته سچو سائين سندس پلو ڪندو." مون کي ياد نه آهي ته ڪڏهن سندس جهولي خالي ويئي. جهوليءَ واري رقم سفيد پوش محتاجن وچ ۾ ورهائي ويندي هئي. ڪن کي نياڻيون آٿاريون هونديون هيون ۽ ڪين ڏاج ڏيوڻ جي پهچ نه هئي، ڪن مٿان وري قرض جا انبار چڙهيل هوا. ڪي وري ڦٽن ۾ ڦاٿل هوا جن جو حل سواءِ ناڻي جي نه هيو. رقمون اهڙي مخفي ۽ ڳجهه ڳوه ۾ تقسيم ٿينديون جيئن لوڪ لکا نه پوي ته سوالي ڪير هيو ۽ ڪيس ڇا مليو.

ڪنور جي سخا ڪنهن خاص فرد يا طبقي تائين محدود نه هئي. محتاجن ۾ اڪثريت مسلمانن جي هوندي هئي. هندن ۾ پنڻ جو شونق ۽ شغل البت گهٽ هوندو هيو. خيرات ۾ ڪنور ڪنهن جي منهن کي ڪڏهن نه ڏٺو. جو آيو سو اگهيو. ڪيس فقط هي احساس هوندو هيو ته ڪو ماڻهو تڪليف ۾ آهي ۽ سندس ڏک ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ سندس فرض ادائي هئي.

جڏهن ڪنور جي شاديءَ جو ٿٽ ٻڌي ويئي ته ٽن ڏينهن بعد هڪ شائق، ڪنور کي سندس ڪنوار لاءِ چار جوڙا ڪپڙن جا پرت پريل ۽ هڪ بوسڪيءَ جو ٿان ساڻ ڪٺي آيو ۽ ڪيس نذراني طور ڏيئي ويو. پائي ڪنور ڪپڙن جي ڳنڊ وٺي گهر رکي ڇڏي. ساڳي ڏينهن شام ٽاڻي هڪ مسڪين مائي اچي سندس گهر جو ڪڙو ڪڙڪايو. چي ابا سڀاڻي عيد آهي ۽ مون کي ننڍ ٻچن جي آهي جن لاءِ نه اٽو لٽو نه ڪپڙو. آهه بيواهي رن زال ڪٿي در در وڃي هٿ ٽنگيان؟ پائي ڪنور اندر وڃي ڳنڊ ڪٺي اچي ٻيڙي مائي جي حوالي ڪئي. چي امڙ وٺ پنهنجي امانت، مون صبح کان ويٺي سانديي. شڪر ٿيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مال اصلي مالڪن کي مليو. ڀائي ڪنور ڀلجي به ڪڏهن پاڻ تي سخاوت جو الزام مڙهجڻ نه ڏنو. هميشه چوندو هو ته ڀائي مون وٽ آهي ڇا جو ڪنهن کي ڏيان. ڏيڻ وارو ٻيو ڏئي ٿو ۽ وچ ۾ آءٌ اچي خوامخواه ڦاٿو آهيان. ڇپي لکندڙ هڪڙو، ڇپي وٺندڙ ٻيو، پر سرنامون هميشه هوندو ”معرفت منهنجي ۽ ڦري ملي ڦلائي ڪي.“ ڏيئي نه، ڀچارڻ جي ذات جا ڪنور کي حاصل هئي ان ڳڻ لاءِ ڪيئي روئندا ڏٺم. جمشيد مهتا جي سوانح حيات پڙهندي جڏهن سندس هي دعا پڙهيم ته ”اي جڳ جا ڌڻي مونکي ويساري جي ايتري توفيق عطا ڪر جو جڏهن به تنهنجي نالي تي ڪجھ ڏيان ته اهڙو عمل ڀلجي وڃان ۽ اهو ڪڏهن ياد نه رهي ته مون ڪجھ الله ڪارڻ ڏنو.“ ته مونکي ڪنور ياد اچي ويو. ڪيترو نه خوش نصيب انسان هئو جو ڪيس اهڙي دعا جي لوڙئي نه هئي.

زندگي ۽ موت الله پاڪ جو خاص پورٽ فوليو آهي جنهن ۾ ڪنهن کي به ڀائيوار نه بڻايو اٿس. هان البت سندس دائره اختيار پيا به گهٽائي آهن. جهڙوڪ شفا، انصاف ۽ سخا. جنهن نقش قدم تي انسان جيڪڏهن دز برابر به پيروي ڪري ٿو ته قدرت ڪيس نعمتن سان ايترو مالا مال ڪري ٿي، جو سندس هيٺي هٿ وسيلي هزارها حاجتمندن جي مشڪل ڪشائي ٿئي ٿي. دراصل پوءِ اهو انسان قدرت جي ڪاروبار جو هٿيو بڻجي وڃي ٿو. ڇاڪاڻ ته دنيا ۾ ماڻهن جا جملي مسئلا ۽ معاملا انسانن ذريعي ئي ادا ٿين ٿا. قدرت جو اولين ۽ اٽر قانون هي آهي ته حيلي رزق ۽ بهاني موت. ”الله ڏنو“ ضرور ٻڌندا ٿا اچون، پر هي ڪڏهن نه ٻڌيوسون ته ڪو ”الله ماريو“ به ڪنهن جو نالو هيو.“

جئن جئن وقت گذرندو رهيو ڀائي ڪنور جي رسيلي آلاپ جو پڙلاءُ، سندس سنت ۽ سخي هٿڻ جي ساک چوڌس چوڌار هڪ ڪستوريءَ جي خوشبوءِ جيان ڦهلندي رهي. پري پري جا ماڻهو سفر جا ڇاڪوڙا ڪڍي وٽس اچڻ لڳا. پوءِ ڪي سندس راڳ ٻڌڻ، ڪي آسيس ۽ آشيرواد وٺڻ ۽ ڪي فقط درشن پسڻ لاءِ. اسان جي ملڪ ۾ عام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماڻهن خاص طور غريب ۽ مسڪين عوام جي ڏکئي وقت پر ڪهور ۽ پرداخت لاءِ ڪي به اداره موجود نہ آهن. ان سبب اسان جي ديس جا اڪثر ماڻهو ڪنهن سهاري ايل ۽ آسري جي تلاش ۾ رهن ٿا. اسان وٽ ويچاري ماڻهوءَ جي بيڪسي ۽ بيوسيءَ جو عالم هي آهي جو جيڏرا ماڻهو ”مٺن“ وٽ فقطهن لاءِ حاضري ڀرين ٿا تہ جئن سندن روز مره جي ضرورتن جي پورت ٿئي ۽ سندن مشڪلاتون آسان ٿين. پائي ڪنور تہ جيڏرو جاڳندو ديوتا هيو. سو ماڻهن ۾ سندس محبتا ۽ مقبوليت ۽ عقيدت ان قدر عام ٿي چڪي جو ماڻهن آخر کيس ”اوتار“ ڪري پوڄڻ شروع ڪيو .... جو سلسلو اڳتي هلي پائي ڪنور جي سر ڏيڻ جو ڪارڻ بڻيو....

ماه جولاءِ ١٩٣٩ع جي هڪ ڏينهن سکر جي اناج بزار ۾ هڪ نوجوان جو ڪنهن دوڪاندار سان ”تون چا تون چا“ ڪندي تڪرار ٿي پيو. انهيءَ دور ۾ بدقسمتيءَ سان هندو مسلم ڇڪتاڻ چوٽ تي چڙهيل هئي، ۽ ساڪرو شهري تعصبي آگ ۽ فساد ڦهلائڻ جا ڪوڏيا هوا. نوجوان کي اڪيلو ۽ بي هٿيار ڏسي چند بي خير دوڪاندارن نہ فقط سندس بي عزتي ڪئي، پر کيس مار ڪٽ پڻ ڪئي.

اهو نوجوان هڪ با اثر ماڻهوءَ جو نينگر هيو، جو سکر شهر ۾ سودي وٺڻ لاءِ آيل هيو. نوجوان واپس گهوٽ ورندو ويو. ۽ پنيور کي باهہ لڳندي ويئي.

نوجوان جي عزيزن قريبن ۾ تاءُ اچڻ هڪ لازمي امر هيو. پر سکر جي ڪليڪٽر مسٽر ڪوناوالا جي بروقت جوڳا قدم کڻڻ ڪري هندو مسلم فساد ٽري ويو. پئنچائت طرفان معافي ورتي ويئي ۽ اڻ وڻندڙ واقعو وقتي طور تي لئہ مٽي ڪيو ويو. پر نوجوان واري ڌر جي کن شيدائن ۾ شورش بدستور رهي ۽ انتقام وٺڻ جو بهترين طريقو هي رٿيو ويو تہ جوابدار جي جاتيءَ کي اهڙي پاري سزا ڏني وڃي جو عمر ڀر ياد رکن. ان فيصلي جو نزلو اچي پائي ڪنور تي ڪريو ڇاڪاڻ تہ هو سنڌ جي ماڻهن جو مقبول عام، مهاتما ۽ مها پرش هيو. هي هيو ڪنور جو قصور ۽ ڏوهہ گناهہ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چوندا آهن ته ٻه شيون انسان کي پاڻ ڏانهن ڏاڍي ڪشش ڪنديون آهن. هڪ داڻو پاڻي ۽ ٻي قبر. زندگيءَ جي سفر ۾ انهن ٻنهي شين جو وڏو دخل رهي ٿو. ”داڻو پاڻي“ ته جيڪڏهن هڪ ماڳ تي بند ٿئي ٿو ته ٻئي هنڌ وري رزق جو دروازو کلي ٿو، جو اڳوڻي در کان به وڌيڪ ڪشادو ٿو هجي. باقي موت جو سڏ ته اٽر آهي ۽ هي ڌاڳو هر هڪ کي ڇڪيندو آهي.

٢٥ آڪٽوبر ١٩٣٩ع خميس ڏينهن، ڀائي ڪنور مانجهند وڃڻ لاءِ پنهنجي ڳوٺ جروارن کان رڙهڪيءَ آيو. مانجهند ۾ ڀائي گوبند رام جي ورسيءَ تي هر سال عاليشان ڀڳت جو بندوبست ڪيو ويندو هيو جتي چار ڏينهن سانده ڀڄن ڀاءُ جاري رهندو هيو. دستور مطابق، هن سال به ڀائي ڪنور کي ڀڳت لاءِ مانجهند اچڻو هيو. ڀائي ڪنور ٻه پيرو مور نه ڀڳو ۽ چارئي راتيون ڀڳت ۾ خوب ڳايو ۽ ٻڌندڙ به موج ۾ اچي جهومندا رهيا. آخري رات ته ڀائي ڪنور جي دردناڪ راڳ ”مارو وهاڳ“ ڀڳت ۾ قيامت مچائي ڏني ۽ هزارها ماڻهو زارو زار روئندا رهيا. مانجهند ۾ ڀڳت جي پڄاڻيءَ تي ڀائي ڪنور پنهنجي سنگيت واري ٽوليءَ سميت دادو شهر ۾ پڌاريو، جتي پڻ ڀڳت لاءِ انتظام ڪيل هيو. ٻئي ڏينهن صبح ويل دادوءَ کان سکر اچڻ لاءِ سنگت سوڌو ريل ۾ سوار ٿيو. شام ٽائي ريل ”رڪن“ جي جنڪشن تي پهتي جتي سکر وڃڻ لاءِ ريل مٽائڻي هئي.

رڪ کان جڏهن ريل گاڏيءَ هلڻ لاءِ سيٽي هڻي ته نيڪ سا ڳڻي وقت پليٽ فارم جي جهنگ واري پاسي کان بندوق جو فئر ٿيو ۽ گولي سڌو اچي ڀائي ڪنور جي مٿي ۾ لڳي. ڀائي ڪنور رتورت ٿي سيٽ تي ليٽي پيو. پنجن ستن منٽن بعد جڏهن گاڏي آرائين اسٽيشن تي پهتي ته ڀائي ڪنور گاڏيءَ ۾ خير ڪي هيو. هو پرلوڪ ۾ پنهنجي پر ماتما وٽ پهچي چڪو هيو. سندس سرير سانت ۾ سيٽ تي ليٽيل هيو. زخمي جسم ۾ شانتي هئي. پيشانيءَ تي نوراني چمڪ،

Scanned with CamScanner

۽ چپن تي مرڪ هئي. ڀائي ڪنور مرڪندو رهيو. ۽ باقي جڳ جهان، ڪنور جي ڪوس تي روح رازي ۽ ماتم ۾ رهيو.

ڀائي ڪنور شهيد ٿيو ۽ امر رهندو، مري اهو ويو جنهن ڇورن جيان لڪي وار ڪيو ۽ هڪ مسڪين درويش جو ناحق رت وهايو، بي ڏوه ۽ بيگناه کي جن مارايو سي ٻئي مري کپي ويا، مرڻ بعد سندن بنيون به ڌهي زمين دوز تي چڪيون. "رڪ جنڪشن" جتي ڪنور جو ڪوس ٿيو ان اسٽيشن جي به ٻاڙ پٽجي ويئي. جتي اڳ ملڪ جي بهترين ۽ برڪ "جنڪشن" هئي اتي هاڻ ڪنگ پيو رڙي! جنڪشن ٿي پتي حبيب ڪوٽ ڪئي ويا. هاڻ رڪ ندوري ويلي پنهن جي ويرانيءَ تي سينو ڪٽي. رهي نالو الله جو.

خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو سنڌ پنهنجي سچي سنت ۽ صوفي ڀائي ڪنور رام شهيد جي ياد کي زنده رکندي ٿي اچي. گذريل سال ١٩٨٥ع کي خاص طور "ڀڳت ڪنور" جو سال قرار ڏنو ويو. پني عاقل ضلعي سکر ۾ سترهين اپريل تي ڀڳت ڪنور جو سؤ سال. جنم ڏينهن ڏاڍي ڌوم ڌام سان ملهايو ويو. هن ڏس ۾ تازو ڀائي ڪنور جي "جيون چرتر" ڇپرائي پڌرو ڪرڻ لاءِ جا ڪوشش ڪئي وڃي ٿي اها قابل فخر آهي. اهڙي نيڪ ڪارج لاءِ ڇپائيندڙن واقعي ٿـي ڪيرون لهڻون. ڪنور ڀڳت نه فقط هندن يا سنڌين لاءِ پيار ۽ پريت جو پرچارڪ آهي پر سموري هند سنڌ ۽ پوري انسان ذات لاءِ هڪ اعليٰ آدرشي مثال آهي.

علي احمد بروهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سوداگر

بايزيد درويش هڪ مرتبي ٻڌايو: "چاليهه سال مون انهيءَ ۾ گذاريا ته روحاني زندگيءَ جي جدا جدا ساڌنن جو اڀياس ڪريان. هر پهلوءَ جو درشن مونکي ڪرڻ مليو. هڪ ڏينهن دل جي اونهي درد مان مون پرڀوءَ کي پڪاريو: "منهنجا پرڀو! آئون ڪهڙو وقت توکان ڌار رهي سگهندس؟ ڇا ڪريان جو اچي توکي پايان؟"

"ان وقت مون هڪ الاهي آواز ٻڌو. ان آواز مونکي چيو:- "جيستائين تون پنهنجو پڪل ڪوزو ۽ ڦاٽل بلنڪيٽ ڦٽو ڪين ڪندين، تيستائين تون مون کان ڌاري هوندين!"

"ان وقت مون پنهنجو ڪوزو ۽ بلنڪيٽ ڦٽو ڪري ڇڏيو. پوري سنسار ۾ اهي ٻه شيون مون وٽ هيون، جن کي مون پنهنجون ڪري ٿي سمجهيون. جڏهن وقت اهي شيون مون ڦٽيون ڪيون، منهنجي اندر ۾ ڄڻ جهان چمڪاٽ ٿيو ۽ مونکي ديدار مليو!"

سنت ڪبير رام الهي انسانن مان هڪ هو، جنهن پنهنجو ڪجهه ڪري ڪين سمجهيو. هزارها رپيا وٽس ايندا هئا. هزارها

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏاڍي چوندو هو. پهچڻ واسطي رڪندو هو ڪجهه، ڪين. چوندو
هو: "مان ٻار آهيان ڪجهه ڪين!" هو ٿي ٿو ڪجهه ڪين،
لاڻو، اِڪ اقطار، ڏاڻ، اُن ڏوارن ٻارڙن جي شڪتي ڪيلو نه
ڪم ڪري سگهي، ؟ سنت ڪنور رام ڏوارن ٻارڙن ڪيترا نه ڪم
ڪيا، ڪيترن ڏکين دلين کي آٿت ڏنو، ڪيترن جا گهر ٻڌا،
ڪيترن جي جيون ۾ تبديلي آندي!

سنت ڪنور رام جي آواز ۾ سوز هو، درد هو، درد منڊان
ڪا درد، ڀڳتيءَ ۾ ٻوڙي ڳائيندو هو، دلين تي جادو لڳائيندو
هو. لوڪ مگن ٿي سندس آواز جو امرت پيئندا هئا، سندس گيت
سڻندا هئا. هن ٻاري ڪيترائي گيت ڳايا، پر هن جو سڀني ۾ اُلڳ،
سڀني ۾ سندر، سڀني ۾ مٺو گيت هئي سندس جيون. سندس
زندگي هڪ راڳ هئي، جنهن جو آواز هو هي هڪڙو:- "پرڀوءَ
کي نه وساريو. ۽ نه وساريو نه دکي دردن ڏانهن، غريب، مسڪين
آهن ناٿر جا پيڪل روپ. ان جي سيوا ڪريو! ان جي مدد ڪريو!
ان کي سکي رکڻ جي ڪوشش ڪريو!"
سندن سکيا ۾ هيٺين ڳالهين تي زور ڏنل هو:-

(۱) سائينءَ ۾ صدق رکو! سائين پري ڪونهي- پيرن کان
۾ نزديڪ آهي پرڀو پيارو. دل دل جي اندر اراجمان آهي-
جيڪي ويچار اوهان جي اندر اُڀرن ٿا، جيڪي وچن اوهين
ٻوليو ٿا، جيڪو وهنوار اوهين ڪريو ٿا، پرڀو وٺو ڏسي، وٺو ڏسي-

(۲) ان ڪري سچ کان پري نه رهو! اي انصافيءَ اڳيان
سر نه جهڪايو! پر هوڙ ۽ اَلياچار جو بهادريءَ سان مقابلو ڪريو!
پرڀو اوهان جي مدد ڪندو!

(۳) هيءَ زندگاني آهي ٻو ڏن جي مهماني. انتڪال
اچي پير. ڪجهه ڪمائي ڪريو! اها ڪمائي جا اوهان کي مؤت
جي مسافريءَ ۾ ڪتب اچي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(۴) روز سائينءَ جو سمرڻ ڪريو! ڏسو! قدرت ۾ هڪ هڪ پراڻي پرڀوءَ کي ياد ڪري ٿو. پرڀات جي پرڀدي ۾ ڪيئن نه پکي پنهنجي مٺي آواز ۾ سائينءَ کي ساراهين ٿا، نديون وهن ٿيون، پرڀوءَ جي مهما ڳائين ٿيون. هڪ هڪ پراڻي، هڪ هڪ چيز پرڀوءَ کي پڪاري ٿي — اي پتا! تون نه وسار!

(۵) پرڀوءَ جي پيار ۾ ڪجهه نه ڪجهه، ڏيو، ڏيندا رهو! دان ڪريو پر نه ان وچار سان ته لوڪن کي خبر پوي ۽ اوهان جي ساراهه ٿئي. دان ڪريو اڪيل طرح. اڪائي اڪائيءَ ارڪن کان، غريبن دکين کي پنهنجي ڇاتيءَ ۾ ڇپايو، سندن خدمت ڪريو! پيار ۾ ان جا شيوڪ ٿيو! پيار پڌان پر سڀ آهي ڪوڙ، آهي ڌوڙ! پيار جو چشمو پنهنجي هردي ۾ کوليو ۽ ان چشمي جو پاڻي وهي پيو دکين کي پيارايو! ڇو ته پرڀوءَ آهي پيار ئي پيار!

سنت ڪنور رام پاڻ محبت جي مورت هو، سڪ جي شمع هو، پيار جو پتلو هو. سندس اکين ۾ پيار، سندس اکرن ۾ پيار، سندس روم روم جي وهنوار ۾ پيار! ڇو ته سندس دل اندر درياهه پئي وهيو.

اهڙي مها پرش جو جيون چرتر تيار ڪري پرنسپال ٽلريجا قوم جي وڏي سيوا ڪئي آهي. هن سندر پستڪ تيار ڪرڻ ۾ پرنسپال ٽلريجا اٽڪل ۴ سال محنت ڪئي آهي. پستڪ ۾ ويدن، گيتا، اپنشدن، گرو گرنٿ صاحب، بائيبل ۽ قرآن جا حوالا ڏنل آهن. انهيءَ کان سواءِ سنڌي سنت شاعرن شاهه، سامي، سچل، روحل، دلپت، بيڪس، حمل ۽ ٻين سنت ڪوين جا ڪلام ڏنل آهن.

پرنسپال ٽلريجا ليکڪ آهي، شاعر آهي، ودوان آهي. پر ڪيس وديا جو اڀمان ڪين آهي. سادو، نماڻو، نهٺو وارو، هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ٻاري کي ڀارت جي رشين ۽ سنتن واسطي عجيب شردا آهي، ٻير آهي. سندس دل جو وشواس آهي ته پيارو ڀارت وري اسرندو، جڏهن رشين جي راهه تي هلندو. رشين اهڙا سکيا ڏني جا اوديا کي ناس ڪري، ڪشٽ ۽ ڏک کي دور ڪري. رشين ائين ڪين سيکاريو ته توهين دنيا ڇڏي وڃي ڪنهن لهو اسن ۾ وهو. رشين سيکاريو ته دنيا ۾ رهو، پنهنجا فرض پالن ڪريو، پر دنيا جا غلام نه ٿيو. دنيا ۾ رهو، پنهنجي پيءُ پاڻن جي شيوا ڪريو، پر دنيا کي نه ڦٻايو. دنيا ۾ رهو، پر دنيوي نه ٿيو! ان ڪري ٻاهر ڀلي رهو! پنهنجين اندرين تي ضابطو رکو! سادگي ۽ سچن جي جيون رهو!

پرنسيپال ٽلوراڻا جي روز بروز جي جيون ۾ سادگيءَ جي جوت پيئي چمڪي. سادو کاڌو، سادو پهري. ۽ سندس دل جي اندر آهي پياس ته شل رشين ۽ سنتن جي شيوا ۾ سندس جيون وڌيڪ خرچ ٿئي!

هن پستڪ لاءِ آسيس آهي. شل هن پستڪ دوارا ڪيترا (خاص ڪري نوجوان، ودياٿي، لکڻي ٿيءَ وارا، جن سنت ڪنوررام جو درشن ڪين ڪيو)، سنت ڪنوررام جي نزديڪ اچن. سنت ڪنوررام گياني هو، عاشق هو، شيوڪ هو. هڪ سچي گيانيءَ جي جيون ۾ گيان، ڀڳتي ۽ شيوا ٽنهي جو ميلاپ آهي. سچو گياني، نه اهو جو پستڪ پڙهي ڪي ڳالهيون ٻڌائي ٿو، سچو برهم گياني سڀني وارو سروپ ڏسي ٿو ۽ ان لاءِ عاشق ٿي پوي ٿو، ۽ سچو گياني هڪ هڪ جيو ۾، نه فقط انسان ۾، پر پکين ۽ پسن ۾، وڻن ٽڻن ۾، ندين ۽ پهاڙن ۾، هڪ هڪ ۾، هر هنڌ، هر جاءِ، ان سروپ کي ڏسي ٿو. ان سروپ اڳيان سر جهڪائي ٿو ۽ شيوا ڪري ٿو. سامي جن هڪ پنهنجي سندر شلوڪ ۾ چون ٿا:-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نڪو ڪوهه، نه اڌ ڪوهه، نڪو پيرُ پري
جاني جهروڪن ۾، تو ساهي سڏ ڪري،
جڏهن ڪي ڪرل ڪن پيو، تڏهن ڏٺا نيڻ ڀري!

سچو گياني جت آهي اُت پنهنجي دوست جو ديدار ڪري ٿو. اُن لاءِ ضروري ڪونه آهي ته ڪوهه يا اڌ ڪوهه پنڌ ڪري ڪٿ وڃي. لوڪ ڀلا ڀٽڪن ڪاشي ۽ ڪئلاش، مٿرا ۽ برندابن، جڳناٿ ۽ راميشورم، هردوار ۽ امرتسر. پر گياني چوي ٿو، منهنجو محبوب ته آهي هتڙي، مان پري ڇو وڃان؟ ۽ گيانيءَ کي پروڙ پاري ٿي ته:

جاني جهروڪن ۾، تو ساهي سڏ ڪري!

منهنجو جاني منهنجو محبوب پيو سڏ ڪري جهروڪن ۾. جهروڪ معنيٰ دري. دل جي دريءَ مان وٺو مون ڏي نهاري، وٺو مونکي پڪاري: "آجا! آجا! منهنجا پيارا، تون مون وٽ آءُ!" گيتا جي پڙاڏيءَ ۾ شري ڪرشن پنهنجي پياري کي ساڳيءَ طرح سڏي ٿو:- "ڌرمن سڀن جو ڪري تياڳ، ارجن، تون منهنجي شرن آءُ ته پاپن جا بندن سڀئي آءٌ ٽوڙيان، اچي مڪتي پاءِ!"

پر اهو آواز، سهڻو، مٺو مُرليءَ جو آواز ڪيترا ٿا ٻڌن. ڇو ته اسان مان ڪيترا آهيون ڪوڙ شور ۾. جو اهو آواز ٻڌي ٿو، سو سڀاڳو!

جڏهن ڪي ڪرل ڪن پيو، ڏٺا نيڻ ڀري!

ڪرل معنيٰ آواز. جو آواز سڻي ٿو، اُن جا نيڻ ڀرجن، اُن جي اکين ۾ آب. اهو جت نهاري، اُت اُهو محبوب جو درشن ڪري. جڏهن ديکتا هوُن، اُڌر ڀرائين آون هتي! ۽ اهو درشن ڪري هو ٻالڪي لوڪن جي شيوا ۾ قربان ڪري ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهڙو پيارو هو سنڌ ڪنور رام صاحب. مرليءَ جو آواز ٻڌي ٿو. پنهنجو سڀ ڪجهه قربان ڪري ٿو. پنهنجي زندگي بليدان ڪري ٿو. شهيد ٿئي ٿو. سندس چرڻن ۾ سر جهڪايان ٿو. سندس آسيس؛ ٻين سنتن سترڪن، درويشن، فقيرن جي آسيس هن پستڪ لاءِ پنان ٿو. شل هي سندر پستڪ گهڻين دلين اندر امنگ آڻي ان سچي زندگيءَ واسطي، جنهن جو آواز آهي هي هڪڙو: ”مٺن قرباني! مٺن قرباني!“

جشن واسواڻي

(پرنسپال سينٽ ميرا ڪاليج پونا)

١٠ سادو واسواڻي پٿ،
پونا - ١،
١-٣-١٩٧٧

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پشپانجلي

هوتچند. جي. آڏواڻي

سنت ڪنور رام سنڌ جي سڀاڳي زمين تي پيدا ٿيو. سندس سريلي ڪنٺ ماڻهن کي مدهوش ڪري ڇڏيو. سندس رهڻي ڪهڻي بلڪل سادي هوندي هئي. هن جي غريبن سان دل هوندي هئي. هن کي ڀڄن ڪندي جيڪي پئسا، زيور ۽ جهوليءَ ۾ ملندا هئا سي سڀ محتاجن ۽ غريبن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو. سندس ڀڳت، ڀڳتيءَ سان ڀرپور هوندي هئي. سندس ڀڄن ٻڌڻ لاءِ آس پاس جا هزارين ماڻهو اچي ڪٺا ٿيندا هئا. هو پنهنجي مڌر آواز سان ماڻهن جي دلين تي اهڙو ته جادو لڳائيندو هو جو ساري رات هو شانت چت ٿي سندس ڀڄن ٻڌندا هئا. سنت ڪنور رام جي صورت لڀائڻي هوندي هئي. سندس پيشانيءَ ۾ نوراني جهلڪ پسبي هئي. سندس آواز مٿان هزارين ماڻهو فدا هوندا هئا.

ڀڳت ڪنور رام کي رڪ اسٽيشن تي هڪ مسلمان گولي هڻي شهيد ڪيو. جهڙي ريت مهاتما گانڌي کي بنا سبب گولي هڻي شهيد ڪيو ويو تهڙي ريت سنت ڪنور رام شهادت جو جام پيتو. شهادت کان پوءِ ڀڳت صاحب جو لالو ملڪان ملڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مشهور ٿي ويو. پستڪ هو سنڌ جي سنتن جو سرتاج هو. انڪسهال للراڻا ڀوڳي مهان آتما جو جيون چرتر لکي سنڌي ساهتيہ ۽ سنڌي ڌرم جي انوکي سيوا ڪئي آهي. هن پستڪ ۾ گيان (Knowledge)، ساهتيہ (Literature) ۽ فلسفہ (Philosophy) جو اهو ڀنڊار آهي. ان کانسواءِ پستڪ ۾ جدا جدا ٻولين جي شاعرن جي ٻاڻين جي سُگند سمايل آهي. ليکڪ وڏي قابليت ۽ محنت سان هي ڪتاب لکيو آهي. شل هن جي مطالع مان انسان ۾ اُمنگ، اتساهہ ۽ پراڻتا پيدا ٿئي. شل اسين سنتن جو جيون پڙهي، ان جي سکيائن تي عمل ڪري پنهنجي زندگي سڌاريون.

تاريخ: ٢٠-٣-١٩٧٧ع

هوتچند گوپالداس آڏواڻي
بار - ائٽ - لا
پريزيڊنٽ، حيدرآباد سنڌ نئشنل
ڪاليجيئيٽ بورڊ، بمبئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پشپانجلي

پرنسيپال ڪنڌناڻي

امر شهيد ڀڳت ڪنور رام نه فقط لاثاني ڳائڪ هو پر هو نرموهي درويش، سچو عاشق ۽ مهان ڪرم يوگي هو. ڌنيه آهي سنڌ جي پوتر ڀومي جنهن اهڙي سپوت سنت کي جنم ڏنو. سندس شهادت کي اٽڪل ۳۸ سال گذري چڪا آهن ته به اڄ هندستان جي هر شهر ۾ سندس ياد ۾ ميلا ملهايا وڃن ٿا ۽ چونڪيون لوڙي پوڄن ڪيرتن ڪيا وڃن ٿا. اڄ به جڏهن سندس رڪارڊ ٻڌجي ٿو ته ذهن اندر ۾ آنند پيدا ٿئي ٿو ۽ من ۾ شانتي اچڻ لڳي ٿي. ڀڳت صاحب جي آواز ۾ ڪشش ۽ لرزش هئي. سندس آواز ۾ روحاني راز ۽ ايشوري الاپ هو. جيڪو ٻڌندو هو تنهنجي رڳ رڳ ٺري پوندي هئي. هن واڳ رواجي شمع جلائي اونداهين دلين ۾ پرڪاش پيدا ڪيو. پاڻ غريبي ۽ مسڪيني حالت ۾ رهي هن لکين روپيه محتاجن ۽ مسڪينن، يتيمن ۽ بيڪسن ۾ دان ڪيا. هو غريبن جو يار هو، محتاجن جو مددگار هو، دکايلن جو دلدار هو. هو انڌن، معذورن، لولن ۽ لنگڙن جي پنهنجي هٿن سان سيوا ڪندو هو ۽ سندن پرگهور لهندو هو. هن جي دل ۾ انسان ذات لاءِ بيحد پيار هو. هو ويڙهه، وروڌ، ونڊ ۽ ويڇي کان ونءِ ويندو هو. هن سڄي ڄمار پنهنجي مڌر واڻي ذريعي ٻولي ۽ پيار جو پرچار ڪيو. هيڏي اڏوي تي پهچندي به سندس من ۾ ذري ماتر اهنڪار ڪونه هو. هو پاڻ کي سڀ جو داس سڏائيندو هو. هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سڀ سان همت جوڙي نمرتا ۽ نماڻائيءَ سان ڳالهائيندو هو، هو بيشڪ سنڌ جي آتما هو. اهڙي مهان پرش جو هيڏو وڏو جيون چرتر لکي پرنسيپال ڪنهيالال للواڻيءَ سنڌي ساهتيه جي انوکي سيوا ڪئي آهي.

هي پستڪ سولي ۽ سلوڻي سنڌيءَ ۾ لکيل آهي. ليکڪ نثر سان گڏ نظم جو استعمال ڪري پستڪ کي وڌيڪ وڻندڙ بڻايو آهي. هن نه فقط پنهنجون ڪوتائون پستڪ ۾ درج ڪيون آهن پر سنڌي، هندي، اردو، فارسي ۽ انگريزي ساهتيه جي شاعرن جا شعر استعمال ڪري پستڪ جي سونهن ۽ سندرتا ۾ اضافو ڪيو آهي. هن پستڪ ۾ سڀني ڌرمن جهڙوڪ هندو، مسلم، سک ۽ عيسائن جي پوتر گرنٿن مان حوالا ڏنل آهن انهيڪري پستڪ پڙهڻ سان روح کي راحت ملي ٿي.

هن پستڪ ذريعي وديارٿين کي سکيا ملندي، سادن ۽ سنتن کي سچي ستسنگ جو سواد ملندو، پنڊتن کي گيان ۽ سنتن جو سنديش ملندو، سماج سيوڪن کي سماجواد جو صحيح درشن ٿيندو، عاشقن کي عشق جو پيغام ملندو، برهمگياني آتمڪ گيان پراپت ڪندا، دنيوي گرهستين کي ڪامياب جيون جو راز ملندو، روحاني مارگ تي هلندڙ سالڪن جي پياس اجهندي، اتهاس نويسن کي سنڌ جي سڀيتا ۽ سنسڪرتي جي اتهاس لکڻ لاءِ مواد ملندو ۽ ساهتيڪارن کي ساهتيڪ ساءُ ملندو. مطلب ته هي پستڪ سڀني سنڌين لاءِ ڪارگر ثابت ٿيندو. مونکي پوري اميد آهي ته سنڌي ساهتيه جا گهڻگهرا ۽ شيدائي هن پستڪ جو قدر ڪندا ۽ هي پستڪ اسڪولن، ڪاليجن، مندرن ۽ لئبررين جي الماڙين جو سينگار ثابت ٿيندو.

تاريخ: ۲۰-۳-۱۹۷۷

ڪي. ايم. ڪنڊناڻي
پرنسيپال ڪي. سي. ڪاليج، بمبئي
سيڪريٽري، حيدرآباد (سنڌ) نيشنل ڪاليجيئيٽ بورڊ، بمبئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پشپانجلي

جنتا جي جاڳ، سنڌين جي سورهيه، ڏکين ڏکويلن جي دلدار، مسڪينن جي مددگار، ٻچڙن جي پيار، سنگتڪارن جي سردار، امر شهيد ڀڳت ڪنور رام کي ڪروڙين وار نمسڪار.

غريب جو يار هو ۽ لک ڪمائيندو، لک لٽائيندو. ڳائي ڳائي جهوليون ڀري وٺي ٻاهر ايندو هو ۽ انهن کي اپاهجن ۾ ورهائي ڇڏيندو. ڪوهون وارو ڪنور سخاوت جو سانئين ئي هو. ننڍڙي ڏوڪڙن جو واپاري شاهوڪارن کان به شاهوڪار ٿي ويو. نماڻو، سماجڪ ڪنور جو ڪوٺائي ٻار کي غلام ۽ ٻانهيءَ جو پيار سڀ ڄاڻي ٿو مائٽن جو ميلاپ. ڏاڍا وڏا وڏا عملدار، شاهوڪار اچي هن درٻار جي اڳيان سر نمائيندا. ڇا ٻار جي مٺيا هئي ۽ ڇا وري هن ۾ دل، سهڻي شيلتا ۽ نمرتا هئي. انيڪ هنس ڪري، ڀلا جڏهن سڄو ٻار سڄو پنهنجي ستگرو سائين ستراماداس کي ۽ جنتا جي پيارن کي ڏکين کي ڏيندي جو ڪام خيال ڪري ايندو؟ هن جي من ۾ محبوب هو ۽ زبان تي سندس منو نالو "هري رام" جپيندي به "هري رام" ۽ مرڻ وقت به "هري رام" ڪيو.

پروفيسر رام پنجواڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سڀني ۾ نه ته مڪر ني منفعت لاءِ جو! نه شڪوو نه شڪايت، نه ڪا
نه گلا، نه قصور نه بددعا. سنگلي سادو، اوچ ڪرڻيءَ جي سنسار،
ڀڳوان جي ارم ڀڳت جا اهي ئي نه اصول آهن.

"من ماري موهن ڪر، خودي ڇڏ خيال
ڀڄن ري ڀڳوان جي، ماڻي ڪونهي حال
اچي وڃڻو اوچتي، ڪنهن ساعت ڪال
پورن جيڄ "پنو" چوي، جو لالن جو لال
جنين ميڙيو مال، سي ڀڄن ري ڀري پيا"

"رام سمر پرڀاتم ميري من،" "ڪن رنجهايان لوڪي ڪنن پرچايان،" "لالي الک جي، پڙو لسار منهنجو" ڪن ۾ پيا پون، چت ۾ پيا چون، هردي ۾ پيا هڻن. چيرن جي ڇمڪار، پائل جي جهنڪار، مصريءَ جي مٺي سر، آڪاس سان ٽڪر کائيندڙ آواز، لالن سان لنءَ ڪندڙ ليءِ، لٽڪال سان ميل کائيندڙ لئ تال ڪوڪ وسرندا، ڪوڪ وسرندا. جن ڪنن روبرو ڏٺو پڙو سي نه مست ٿي ويا پر جن سندس رڪارڊ ٻڌا سي به ڪرتارٿ ٿي ويا.

هن دنيا ۾ سنتن ۽ درويشن جهڙي ماڻهو ڪو ورلي ڪو ٻيو ڪو ۾ آئي. ڪنور جو ڪنهن هند اچڻ معنيٰ سڀني ڳوٺن کي تالا ڪنور اچي ڪري ڀڳت ۽ گهر سڀني سيج پلنگ ئي! ڀڳت نه ته هو پر پريتم وٽان پيغام آڻيندڙ پيارو هو. سندس زندگيءَ جو آدرش هو قرب ۽ قرباني. قرب ڪمائي ويو، قرباني ڪري ويو. گياني هو، گرمک هو. سڀ گرمک وانگر وڃي ڪڪن منڊل جا سير ڪيائين.

گرمک جي گادي، انل جان آڪاس ۾
هار جيت، دکـ سکـ کون، اگم الادي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چڙهي تنهن چوٽيءَ تي، ٿيو سهجي سماڌي
لڌائين آدي، ساهي سک سروپ جو.“

چون ٿا ڪڏهن به اڻ پڙهيل هو. پر حقيقت ۾ هو عالمن جو عالم هو. ڀڳت کي پالڻهار ادو آتمڪ گيان اهڙي ورندو آهي. ودوان ڏکڻ واري ڪاڻ وڏائين پر فقيرن جي ذڪر سان متڪر لي پيو. سندس چنيون نه پڙهي ڏسو! ڪهاڻ ڪلي ائا وڃن! ڇا فيلسوفانا خيال! ٻولي ٺهڪڻي، سادي سودي پر مٺي، دل اڱارڻ. دنيا جي حساب ۾ ڏڏ ليکبو پر وٺو ودوان وارن کي وارو ڏيئي. هن لئي هڪ وکي جو چوي :-

”ڏڏ ٿي ڏان گهريج تون چڏ وڃا وڃائي
سپر رات سنڀاهيا تازي تو لاڏي
جو چاڙي نه ڳائي تنهن سان پيلي ڏٺي ٻاجهه ڪئي.“

نه سيڪر پور چوي، ”واهه ڀڳت! تو ڏڏ کي ڏاڻ ۾ ڏاڻ ڏنو الس! ٻاجهه ۾ ائڏي جو جيٿري سندس قيمت لکن جي هئي پر شهيد ليڪ ڪالهوءَ ڪروڙن جي.

ڀارت ۾ هر جاءِ سندس ڳالهي سان ڏوهشاالون جڙي وئون آهن. هر سال اسوءَ جي مهني ۾ هزارن هندن لئي سندس ياد ۾ ميلا ٿا لڳن، هر دوڪان ۽ مڪان ۾ سندس من موهيندڙ مورت براجمان آهي. جيٿري نه جس ڪمائي ويو پر مٺي ڪالهوءَ وٽنو وڏيڪ مٺيا جو مالڪ ٿي پيو. سنڌ ۾ آسائو هن کان پلؤ پائيندا هئا پر هند ۾ هن کي ارداسون ڪندا آهن. هونءَ ۾ ڀڳت ۽ ڀڳوان ۾ ڪهڙو فرق!

ڀڳت صاحب کي ڏلر ۽ ٻلر گهڻا دفعا پر ساڻس ملڻ جو موقعو فقط هڪ دفعو مليو، سکر واري سرڪواسي رائبهادر ڪشن داس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪموالي، جي اوطاق ۾. ڦوراڻن ۽ ڌاڙيلن ها ۽ ٻڪر ڪاڌي، جي
وڃي ۽ ڪوڙ سوالالس ها. مٿي لڳي ايهي لواي ۽ ٻين ۽ ان
سڀون جو ٻولاٽو ڪيهلو. مـدن ڏاڍو هو مالس جاءِ ۽ پڪڙي، ۽
سندس ٻڪري جتي ڏسي حال آيو ۽ هـن جا ٻار ڪڻن ڪهندا
هوندا ۽ الي اي حال آيـو ۽ جـو هڪ ننڍو ۽ ايالـي
سو کهڪهورن پاڻي پاڻي پاڻن ڪالڪ لهي او سکهي لهن لاءِ
هي، جتي ڇا آهي؟ ٻڌڻ ڏسڻ ۽ اوراسان واهي ديدار ڪرڻ ۽
سندس ٻالهائڻ پڌڻ ۽ ڪيڏو نه مزو آيـو! ديوان سان نه اهو ٻر
مون سان توڙي ٻين گهر جـي ٻاٻين سان لهي گڏيو. اسان ٻيوان
پياسين نه ٻيو چوي "مان ٻين جي خاڪ، مان در جو دربان."
واه ڪدور توهجي ڀلائي، واه توهجي اوچائي! ديـوان چيو،
"پڪيٽ صاحب، وڏا ٻير ڪيا اٿو. سکر ۾ آيا آهيو سکر ۾؟"
پڪيٽ صاحب چيو، "جڏهن نه سکر ۾ ايندو آهيان. تڏهن ڪڏهن ڪو
عرض ڪٽي ايندو آهيان، هتي نه ايندو سائين ستراماس وڪيل
ٻيو هٿ ٻ. ل. وڪيل ڪاسواءِ لـ ٽي سري."

ديوان صاحب چيو "ڪو ڪيس ڪٽي آيا آهيو؟"

پڪيٽ صاحب. هڪ غريب جو حق قرجي ويـو آهي. ڪو اوهي واهي ڪرنهيس، ٻاڙاسري آهي. وڏاري سندس زمين جـو نڪو توهجي زمين سان ڳنڍي چڏيو آهـي. وڏيرو لوهالهو اصيل آهي لنهن کي سمجهايو.

ديوان صاحب. معهدجي ڪي؟.

پڪيٽ صاحب. هن ۾ نه توفيق ڪاڻهي.

ديوان صاحب. مان توهان کان لو گهران.

پڪيٽ صاحب. قسطون ڪري ٻهچائيندس. ڪي گهٽي ليندي؟

ديوان صاحب. اڄ منجهند جي ماني هت کائيندا ۽ آرام ۾ هت ڪندا. اها آهي ڪي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پڪنڪ صاحب ٽڙي پيو. پنهنجي آواز ۾ چيائين "ڏٺي اجورو ڏيندو. شال هند سنڌ ۾ لوهاڻو تالو روشن ليندو. ماني کائي آيو آهيان باقي شربت جو هڪ گلاس پيئارهو." پوءِ نه پندرهن منٽ کن ويهي روح رهاڻ ڪيائين. وڃي وڃي ڏري پيئي. گهاگهر ۽ ساگر سماني چڙهائين. لوري وقت ۾ وير ورائي چڙهائين. شربت پي هٿ جوڙي چيائين "فرهاديءَ جو تالو الڻ آهي، اهو لوهاڻ وٽ ڪڏهن اچي حال ڪري؟ ٻاڻ سان آنندو الماس. ٻاهر ميلو آهي."

ديوان پنهوالي کي سڌي الڻ کي اندر گهرايو ۽ چيو، "لون اڄ شام جو ڇهين بجي اچج، سڀ ڪجهه ٺيڪ ٿيندو." پڪنڪ صاحب چيو "هاڻي موڪل ڏيو" پيارا. ديوان صاحب چيو "اٿين ئي ويندا." مام سمجهي پڪنڪ صاحب چيو "نه، پڙهو ۽ ستون." مٺي ۽ مڌر آواز ۾ پنهنجو پيارو راڳ پڙهائين:

آءُ ڪانگا ڪر ڳالهه مون کي تن مارون جي
مارئڙن جي سانگيئڙن جي، آءُ ڪانگا!

اهو راڳ پڪنڪ صاحب کي ڏاڍو وڻندو هو. اهڙي مارو راڳ هو جو ماڻهن مان لڪرندي ڳائيندا هئا. اهو راڳ هو جنهن سان دادوءَ ۾ ٻار کي لولي ڏنائين. ڪنهن پڇيو "سائين! ماروءَ جو وقت نه ڪرلهي" پڪنڪ صاحب چيو "مارو موت لئي ڳالهو آهي ليهنڪري مان نه جيئري ئي ممالي ۾ آهيان. منش کي موت لاءِ هردم تيار رهڻ کپرجي. موت ۾ ڪوڙو مهڙو؟" صاف صوفي هو، سچو سنت هو. سو نه صوفين والڪر ڏنائين.

سائين ڪنورام جي جيون ڪٿا تيار ٿي آهي. پرسوهال ڪنئيا لال لالوجا اهو ڪرامت وچيو آهي. اهڙي وڏي پستڪ لکڻ ۾ ڪيڏي نه محنت ڪئي هوندائين! احوال هٿ ڪرڻ ۾ ڪيترو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ ٻاڻ ٻوڙهو هوائدارين ڏاڍهن جسا ڏاڍهن سمنڊ ٻيڙوارو ڪري ڪمهيد جيندرالي، ٻاڻي ٻاوام ۽ انهن سان واهي اسوت (لٽي) لکيا هوائدارين ڪين رالين جهون رالهون اوهاڻا ڪئي مثالن، ٻرشتالين ۽ واقعن ڪسي سنوارڻ هوائدارين ۽ جدا جدا اسان ۾ درج ڪيو هوائدارين پرنسوال الرابطا لکيو ۽ ڪمهيد ڇپايو. سنڌان اي خاص ڪري سائين ڪنور رام جي صدقين اسي وڏو احسان ڪيو آن. ٿوري للوانجا ۾ چاهه آهي ۽ ٻاڻي ڪيوهيد ۾ صدق آهي. ٻاڻي ڪيمهيد جيتوڻيڪ آهي مالجهيد درٻار جي سائين ڏيمداس جو شش ٻو هن گهڻو لي وقت سائين ڪنور رام جي صحبت ۾ گذاريو. ٻاڻ ٻوري سوري ڪتاب مان آهي ٻو سنتن جي ٻهر سان مڙهي چڙهيو آهي. سنساري ٻداوت ۽ الس ٻو سنتن جي سنگ جو لاڀ ۽ گهڻو مليو الس.

مان سڪ ۽ شرڌا سان سائين ڪنور رام جي چرڻن ۾ سمرس ڇهڪايان ٿو. دل اُڀري آئي ۽ هڪ ڪويتا جڙي پئي. پريم ۽ صدق سان اها سائين جي ڪمل قدمن ۾ ارپيان ٿو.

سنڌڙيءَ جا او سنت سوڀارا، ڪنور رام پيارا
هرهنڌ تنهنجا ميلا لڳن ٿا، پيليءَ پڳڙيءَ وارا

١- پريم پجاري پريم سان لوني، پرميشور کي پالو
خلق جي خدمت ۾ اُون سالڪ، خالق صحيح سڃاڻو
درد ڀرين جا سانڍيندڙ دل ۾، دان دکين جا دلارا.

٢- مٺڙا مٺڙا راڳ تو ڳائي، رانول کي رنجهايو
ٻار ڪنور تنهن جي ٻول ٻڌڻ لاءِ، هرڪو ڀڄندو آيو
عشق جو هو آواز الاهي، وڄهه سندا وسڪارا.

٣- جنتا جي ڪلياڻ جي خاطر، ٻاڻ ڪيئي قربان
ٻولي جيڪي مري نا جاڻن، تن جو اوچو شان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

موهيا جا، ڏان ڏيا جا، ڪوڙي ڇڏيندا پيارا.

٤- آهي سڀ ۾ سائين ساڄن، سڀ سان تو سمجهايو
اوچ نيچ جو ڀيد ڀلائي، سڀ کي ڳلي لڳايو
ڀيڄو ليکن لسوالو جڳ ۾، ليکيا رنگ نيارا

٥- درويش جو درجو پاتئه، لالڻ سان لئو لاتي
ڪلندي ڪلندي هر هڪ هليو وئين، جيون جوت جڳائي
مرڪ ڪمان تون اڳي مري وئين، صوفي صاف سچارا.
ٻول امر شهد سائين ڪئو رام صاحب جي جئه.

بمبئي

تاريخ ٢٠-٣-١٩٧٧ع

رام پنجواڻي
(هيڊ آف سنڌي وڀاڳ، بمبئي يونيورسٽي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ليکڪ جي پريچيه

پرنسيپال ڪنهيالال ايم. ٽلريجا مشهور تعليمدان، ودوان، ليکڪ ۽ شاعر آهي. سندس ڪيترن لوڙي رچنائن ۾ جنبش ۽ لاڙو آهي. جڏهن هو اسٽيج تي ڪلام ڪندو آهي تڏهن ٻڌندڙن جي دلين ۾ لرزش ۽ اثر پيدا ڪندو آهي، هن جي ڪلام ۾ رواني ۽ شڪتي آهي.

مان هن کي ننڍي هوندي کان سڃاڻان. هن جو جنم ١٠ آگسٽ ١٩٣٦ع حيات پتافي (تعلقو ميرپور ماٿيلو ضلع سکر سنڌ) ۾ ٿيو. حيات پتافي جروارن کان ڏهه ميل جي مفاصلي تي آهي. پندرهن سالن جي عمر ۾ هو حيات پتافي جي شداڻي دربار ۾ سنت راجارام صاحب جي رهنمائي هيٺ ڌرمي وديا سکيو. ان وقت هنکي گرو ٻاڻي ڪافي ياد هوندي هئي. هو شداڻي دربار ۾ جپ صاحب، شبد هزاري، رهراس، آنند صاحب ۽ سکمني صاحب جو پاٺ ڪندو هو. اهڙي طرح ننڍي عمر ۾ ئي کيس سنتن جو سنگ نصيب ٿيو ۽ ڌرمي پستڪن جهڙوڪ گرنٿ صاحب، گيتا، رامائڻ، مهاڀارت، ڀاڳوت، سارڪتاولي، وچار مالا، رجب جا ڇما ۽ ٻين پستڪن جو گيان پراپت ٿيو. ان وقت هو حيات پتافي جي پرائمري اسڪول ۾ ماستر هو.

هو ماستري جي ڊيوٽي ادا ڪندي انگريزي پڙهڻ لڳو. سن ١٩٥٥ع ۾ مئٽرڪ امتحان پاس ڪيائين. سڄي سنڌ يونيورسٽي ۾ پهريون نمبر آيو. تنهنڪري اولهه پاڪستان جي گورنر هن کي ميڊل انعام ڏنو. ١٩٥٥ع کان ١٩٦٢ع تائين هو ميرپور ماٿيلي، ڪنڌڪوٽ ۽ حيدرآباد (سنڌ) جي هاءِ اسڪولن ۾ انگلش ٽيچر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

لڳو رهيو. هو سنڌ يونيورسٽي جي پوسٽ بي اي آنرس، ايم اي آنرس
۽ ايم. اي (آنرز)، ٽنهي امتحانن ۾ پهريون نمبر پاس ٿيو ۽ هن
کي گورنر صاحب طــرفان سونو ميڊل انعام ڏنــو ويو. سن ١٩٦٢ع ۾
ايم. اي پاس ڪرڻ بعد هــو گورنمينٽ ڪاليج سکر ۾ انگريزيءَ
جو پروفيسر مقرر ٿيو. سنڌ يونيورسٽي جــا امتحان پاس ڪندي
هن اردو، پارسي، عربي ۽ انگريزي ٻولين جو گهڻو اڀياس ڪيو ۽
قرآن ۽ بائيبل جو اڀياس ڪيو. هو سنڌ ۾ خاص ڏينهن تي مختلف
ٻولين ۾ تقريرون ڪندو هو. جڏهن هو پنهنجي تقريرن ۾ قرآن شريف
۽ اردو توڙي پارسي جي شاعرن جا حوالا ڏيندو هو تڏهن ٻڌندڙن
خاص ڪري مسلمانن تي گهرو اثر ٿيندو هو. ان ڏينهن هو سکر ۽
حيدرآباد ۾ سماج سيوا ۾ نه ڪافي ڀاڱو وٺندو هــو. سنڌ ۾ هندن
جي سيوا ڪندي هو سکر هندو پنچايت جو نائب وائيس پريزيڊنٽ
۽ پوءِ پريزيڊنٽ چونڊيو. انهي عرصي ۾ هو هندن جــي حقن
لاءِ پاڪستان سرڪار ۽ ان جي عملدارن سان اڪيلو ئي لڙندو هو.
سيٺ خوشيرام راجپال سان گڏجي هن سنڌ ۾ هريجنن جي دل وجان
سان شيوا ڪئي. هو هريجن ايسوسيئيشن جو سرگرم ڪارڪرتا هو.
شري پرمانند سڳنيچند سان گڏجي هو سکر ساڌ ٻيلي ۾ هندو ڌرم ۽
هندو سيتا جو هندو نوجوانن خاص ڪري وديارٿين ۾ پرچار ڪندو هو.

سن ١٩٦٤ع جــي پڄاڻي ۾ هــو سنڌ ڇڏي ڀارت ۾ آيو.
سن ١٩٦٥ع ۾ هو الهاسنگر جي سي. ايڇ. ايم ڪاليج ۾ انگريزي
جو پروفيسر ۽ هيڊ آف ڊپارٽمينٽ مقرر ٿيو. ڏهه سال هــن اهو
عهدو قــابليت ۽ ايمانداري سان نڀايو. تنهنڪري هن کــي
سن ١٩٧٥ع ۾ ساڳئي ڪاليج ۾ پرنسيپال مقرر ڪيو ويو.

پرنسيپال ٽلريجا نه فقط ليکڪ ۽ شاعر آهــي پر هو سماج
سڌارڪ پڻ آهي. هن اکل ڀارتيه سنڌو سيوا سنگهه جي سيڪريٽري
۽ سنڌونگر سنڌو سيوا سنگهه جي پرڌان جي حيثيت ۾ ڪيترائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سماجي ڪارناما ڪيا، ۽ پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي ڪيترن ئي ڀلجي ڀٽڪيل هندو ڀائرن کي ودرمين جي ڇنبي مان ڇڏايو. هندوستان ۾ هن تي سوامي ديانند سرسوتي جي ستيارٿ پرڪاش ۽ ٻين پستڪن جو گهرو اثر ٿيو، ۽ هو آريه سماج جو سرگرم ڪارڪن ٿي پيو. هن ويدن ۽ اپنشدن جو اڀياس ڪيو. هن ڪيترن ئي اٻوجهه ماڻهن کي ودرمين جي چنبي مان ڇڏائي شڌ ڪري وري هندو ڌرم ۾ آندو. هن سچي ڄماءُ شڌي، ويد پرچار، اڇوت اڌار ۽ هندو سنگٺن لاءِ پنهنجي پاڻ پتوڙيو آهي. هو ڪيترا سال سياسي پارٽي ڀارتيه جن سنگهه جو سرگرم ڪارڪن رهيو هو. مخالف پارٽي جي ليڊر جي حيثيت ۾ هو پنهنجي تقريرن ۾ لبرلسا سان ڪانگريس سرڪار جي ڪڙي آلوچنا ڪندو هو.

هو پنهنجي تقريرن لوڙي رچنائن ۾ اٺن ٻولين (سنسڪرت، هندي، سنڌي، اردو، فارسي، عربي، پنجابي ۽ انگريزي) مان حوالا ڏيندو آهي. هن سڀني ڌرمن جي پاڪ ڪتابن جهڙوڪ ويد، اپنشد، گيتا، رامائڻ، مهاڀارت، قرآن، بائيبل ۽ گرنٿ صاحب جو اڀياس ڪيو آهي. هو پڪو ۽ پختو هندو هجڻ سان گڏ اُدار دل انسان آهي. هن جو وشو ڀائپي ۽ وشو ڪلياڻ جي سڌانت ۾ درڙهه وشواس آهي. هن جي دل ۾ هندو رشين، منين، سنتن ۽ مهاتمائن لاءِ شرڌا آهي. هو هندو سڀيتا ۽ سنسڪرتي جو پڪو پرچاري آهي. سندس تمنا آهي ته اسان جو پيارو هندوستان ۽ هندو وري اڳين اوج تي اچن ۽ هندوستان جا پٽ ۽ ڌيئرون شل ٽڙندا رهن! جڏهن مهاراشٽر جي ڪرندا نگر شهر ۾ زلزلو ٿيو تڏهن هو اڪدم وڃي اُتي پهتو ۽ هلندڙ زلزلي ۾ پنهنجي ساٿين سميت وڏي سيوا ڪيائين.

هو تقريرن ۽ لکڻين ذريعي هندو ڌرم، هندو سڀيتا، هندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنسڪرتي ۽ هندو سنگٺن جو پرچار ڪندو رهي ٿو. هو ڀلور ۽ ڀيانڪ آلوچڪ آهي. هو ڪنهن لاءِ ڇوٽ ڪري نه ڇاڏي. هو سچ کي ريڙهو سچ چئي ڏيندڙ آهي. سندس لکڻين ۾ لوڙهي پستڪن ۾ ايمانداري ۽ نڊرتا نمايان آهي. ڪانگريس جي راڄ ۾ هن "ڪانگريس جا هڪ سو ڪڌا ڪارناما" پستڪ لکي نه فقط پنهنجي اي ڀاڳ جو ثبوت ڏنو پر حقيقتون لکي سڀني کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو.

هن سنڌ ۾ سن ١٩٦٣ع ۾ شداڻي پرڪاش پستڪ لکيو. هندوستان ۾ هن ٻه مشهور پستڪ ويرساورڪر ۽ امر شهيد سنت ڪنوررام لکي سنڌي ساهتيه ۽ هندو ڌرم جي اموليه سيوا ڪئي آهي. هن ڪجهه وقت ديپ سنديش اخبار جو مکيه سمپادڪ ٿي ڪم ڪيو. سندس سمپادڪي ليکن ۾ عجيب قسم جي جنبش هوندي هئي. هو پنهنجي انگريزي مئگزين اويڪ ائنڊ ارائيز Awake and Arise ذريعي سڙهيل ٻڙهيل هندن ۾ هندو ڀاونا ۽ جذبات پيدا ڪري کين بيدار ڪندو هو.

هن کي پرماتما پنج پٽ ۽ هڪ ڌيائڙي بخشي آهي. ايشور جي دربار ۾ اهائي پرارٿنا آهي ته سڀ هوندي آورجا ماڻي ساهتيه سيوا، سماج ۽ ڌرم جي سيوا ڪندو رهي! تٿا استو!!

پيشورام پوڄ ڪنور رام صاحب
ڪنور ڪٿيا، ڪنور نگر، امراولي

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليکڪ جي ڪلم مان

پرنسيپال ڪنئيالال ايم. تلريجا

چار سال اڳ امر شهيد سنت ڪنورام جو سپتر سنت پيشورام صاحب ۽ شري کيمچند مولڻرام چيٽواڻي اچانڪ منهنجي گهر اچي پڌاريا ۽ فرمايائون، "اسان کي سنت ڪنورام جو جيون چرتر، انڪل ٥٠٠-٦٠٠ صفحن جو وڏي سائيز وارو پستڪ، لکي ڏي." هيڏو وڏو پستڪ لکڻ بابت ٻڌي آئون ٿوري وقت لاءِ سوچ ويچار ۾ پئجي ويس. سوچڻ لڳس، "هيڏو پستڪ ڪڏهن لکجي تيار ٿيندو؟ ان جي لکڻ لاءِ وقت ڪيئن ڪڍي سگهندس؟" ڇاڪاڻ ته آئون سماجي سماجي، تعليمي ۽ ساهتيڪ مشغولين ۾ نهايت رڌل رهندو هوس. من ۾ ويچار ڪيم، "جنهن ڳوٺ (حيات پتافي) جي دربار ۾ سنت ڪنورام راڳ ودّيا پراپت ڪئي، ان ڳوٺ ۾ ئي منهنجو جنم ٿيو، ساڳي دربار ۾ آئون ٿورڙي ودّيا سکيس. وڌيڪ سنت ڪنورام سان منهنجي وڏن جو گهرو رشتو هو. ان ڪري سنت پيشورام مون تي جيڪا حجت هلائي آهي سا سو سيڪڙو صحيح آهي ۽ منهنجو پرم ڪرتويه ليکندو امر شهيد جو جيون چرتر لکڻ." اهو سوچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنت پرشورام کي هاڪاري جواب ڏنو.

هڪ انگريزي ڪتاب لکڻ لاءِ هنن ۾ ڪيترو هوم سر پاسيرو رکي، هي پستڪ لکڻ کي لڳي ويو. ولڪيشن جي عرصي ۾ شري کيمچند جي گهر (ڪار، بمبئي) ۾ سنت پرشورام، شري کيمچند ۽ آلون - ٽيئي ڄڻا پستڪ جو مواد ڪٺو ڪرڻ ۽ ان کي ڪيمرنا سان وڇار ڪرڻ لاءِ سڄو ڏينهن صبح کان شام تائين گڏ ليمدا هئاسين. پڇت پيارام کي هندستان جي جدا جدا شهرن ۾ وڌيڪ مواد ڪٺو ڪرڻ لاءِ موڪليو سين. هن سنت سترامداس جي شش ڀائي سڪرامداس سان سمپرڪ ۾ گڏجي سنتن جيون کي وارتائون ڪاٺس پڏي لوٽ ڪيون. لڌهڪالسواءِ امر شهيد سنت جي شردالو شش ۽ پرمين جهڙوڪ سنت هرداس رام، ديوان ڪرمچند تاراچنداس آهوجا، شري شامداس دولومل، شري کيمچند، شري لولارام مولچند چالدواڻي ۽ ٻين ڪيترن ڀڳتن جا وارتائون پڙهايا سي مون ڪٺا ڪيا. وڌي پڇت صاحب سنت سترامداس جي نياڻي ادي سدوري ٻائي (ڀائو راجارام جي ڌرمپتني) جا اچا جيئاس آهي ۽ ان جي سپترن شري سيوورام ۽ شري آتمارام (سنت سترامداس جا ڏوهٽا) ۾ ڪجهه مواد موڪليو.

سنت ڪنور رام جو پهريون جيون چرتر ڀائي روڙهارام صاحب (سنت سترامداس جو پالڻهار) جي لڳڊاري هيٺ شري شامداس دولومل ڪلارڪ صدر پوسٽ آفيس ڪراچي، سن ١٩٤١ع ۾ ڇاپيو هو. هي پستڪ ننڍي ڪرائون سائيز جو ٢١٠ صفحا هو. لڌهڪالھ-وھ شري ليکراج بسمل سن ١٩٥٧ع ۾ "ڪنور" پستڪ لکيو جو ننڍي ڪرائون سائيز جو ٣١٦ صفحا هو. شري ليکراج بسمل گهڻو ڪري سڄو مواد ڀائي روڙهارام واري پستڪ مان کنيو هو. ان بعد شري لالسيداس تلريجا سنت ڪنوررام جو مختصر جيون چرتر (١٢٩ صفحا) سن ١٩٦٤ع ۾ لکيو. مٿين پستڪن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيڪو مواد هو سو تمام ٿورو هو. مونکي وڌي ڳڻتي ستائي ته
ڇهه سو صفحن جو پستڪ لکڻو هو. ٿورڙي هوندي وڌي پستڪ
لکڻ لاءِ مواد هٿ ڪرڻ خاطر ڪافي جاکوڙ ڪرڻي پئي. منهنجي
گهٽي ۾ گهٽي مدد سنت پيشورام پاران ڪئي. پاڻي روڙها رام
صاحب پنهنجي نظرداري هيٺ سنه ١٩٤١ع ۾ جڏهن پستڪ ڇپايو
هو تڏهن ڪيتريون ڳالهيون هو ڪن سببن ڪري ڇپائي نه سگهيو
هو. اهو مواد جيڪو ان وقت ڇپجي نه سگهيو هو سو هٿ هٿ
سان لکيل پوٿي ۾ درج ڪيو ويو هو. اهو هٿ اکر لکيل پوٿو
مونکي سنت پيشورام ڏنو، جنهن مان ڪجهه احوال
هٿ ڪيو ويو. اهڙي طرح سنه ١٩٧٣ع جي
وڪيشن جي عرصي ۾ سنت پيشورام، شري کيمچند ۽ پنڊت
ٻالرام جي مدد سان مون جيون چرتر جو خاڪو تيار ڪيو، يعني
سڀ ڳالهيون نوٽن ۾ لکي پوريون ڪيم. ٿورڙي ڪالهه آئون سنڌونگر
۾ اچي پرڀات جو امرت ويلي انهن نوٽن مان پستڪ لکڻ شروع
ڪيم. چار سال لڳاتار محنت ۽ جفاڪشي ڪرڻ بعد هي پستڪ
ڇپجي تيار ٿيو. هن ۽ پرس جون سخت تڪليفون ڏسڻيون
پيون. پرماتما جي ڪرپا ۽ سنتن جي آشيرواد سان سڀ تڪليفون
آهستي آهستي دور ٿينديون ويون ۽ پرشرم ۽ پرشارٿ، ادم ۽
اورچائي جو منو قل اڪري ترواز ٿيڻ لڳو. ليڪن اڄوڪو سڌورو
۽ سڀاڳو ڏينهن آيو جڏهن آئون بيحد خوشي ۽ فخر سان سنڌي
ساهتيه جي پڙهندڙن اڳيان هي پستڪ پيش ڪريان ٿو.

هن پستڪ لکندي مونکي ڪيترائي ازغيبي ۽ انوکا انڀو
پراپت ٿيا جي جيڪڏهن سڀ هت بيان ڪجن ته جيڪر ٻيو
پستڪ تيار ٿي پوي. صبح کان شام تائين ڪاليج جي ڊيوٽي ۾
مشغول رهندو هوس. شام بعد منهنجي ڪوارٽر تي وديارٿين ۽
انهن جي مائٽن، ساهتيڪارن ۽ اعليمدارن جي اچ وڃ هوندي
هئي، اهڙي قدر جو رات جو ڏهين بجي تائين فرصت ٿي نه
ملندي هئي. ان حالت ۾ پستڪ لکڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم ٿي پيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پستڪ لکي ڏاڍو جو سنڌ پهنوار ۽ شري کيمچند ڪـسي وٽن
ڏنو هوم. ان ڪري پستڪ لکڻ لاءِ پنهنجي لنڊ جو ٽائيم ڪڍائي
پرڀاس جو ٽيون - چوٿين ڀڱي لکڻ شروع ڪيم. ڪاليج جي پرنسپال
جا فرض، سچائي ۽ ايمانداري سان نڀائڻ سبب، آئون ڪن
مٿن کي سندن نمبا موجب اچڻ، فائدو ڏئي نه سگهيس، ڇاڪاڻ
ته انهن ڪرڻ لاءِ مونکي پنهنجي وڏڪ اجازت نه ڏني. تنهنڪري
هو منهنجا شترو ٿــي پيا ۽ منهنجي خلاف اڪي ڇپي زهريلو
طوفان کڙو ڪيائون. اهي مترو ڏاريا نه هئا پر پنهنجا ئي سنڌي سڄڻ
هئا جن منهنجين ٽرمي پاولائن ۽ وچڻن کي غلط ڏيکڻ سان پيش
ڪري سرڪار ڏانهن منهنجي برخلاف ڪوڙيون درخواستون موڪليون.
انهن سرڪاري خوشامدڙين منهنجي پستڪن
" وير ساورڪر "، "ڪانگريس جا هڪ سو ڪڏا ڪارناما"
۽ منهنجي مئگزين "اويڪ ائنب ارائيز "Awake and Arise"
مان ڪجهه ٽڪرا ڪيي سرڪار ڏانهن موڪليا ۽ مونکي
سرڪار جو شترو ٺهرائي، ايمرجنسي قانون ذريعي ميسا
(Misa) هيٺ گرفتار ڪرائڻ جون نـاپاڪ ڪوششون
ڪيون. منهنجي لاءِ هي وقت نهايت ڏکيو ۽ ڪشمڪش وارو
هو. جيتوڻيڪ سچ جي جيت ٿي ۽ دشمن منهنجو وار نه ونگو
ڪري سگهيا، تنهن هوندي به جڏهن پرڀاس جو امرت ورکي اٿي
ڪارڪن ٽي هي پستڪ لکڻ شروع ڪيو هوس، تڏهن شروعاتي
ڏينهن ۾ منهنجي دماغ اڳيان اهي ڪوڙيون درخواستون ۽ انهن
جا ڀيانڪ انديشا ڦرندا هئا. هيڙي حالت ۾ پستڪ لکڻ ذري گهٽ
ناممڪن ٿي لڳو! ليکڪ کي پستڪ لکڻ لاءِ شانتيءَ جو واتاورڻ
گهرجي. شانتي اندر من ۾ ۽ شانتي ٻاهر ماحول ۾!
هڪ دفعي پرڀاس جو امشور جـي آرائڻا ڪري ڪالتس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سوال پڇيم، ”هي ٻڌايو ته توهانجي اچڻ الڳ آهي ته
مان هي پستڪ ڇپائڻ لاءِ لکان؟“ اندر مان آواز آيو، ”نه.“

پستڪ لکڻ لاءِ الڳ ۽ الڳ اراڌو ڪيو هوم. ڏهه ڪري
لفظ ۽ لکيا، الڪا ۽ الڪا ڌرمي خيالي الڏي کي
ڪولي مون ڪي اهنڪار ڪرڻ جو ڪو به ڪيم ”همت مردان
مدد خدا“ جي سڏائڻ موجب ايشور اسان مهنجي ساٿ ڪئي.
بس پوءِ پرڀات جو ڪاٿوري منتر پڙهي سنت سورداس ۽ سنت
تلسيداس جو ڌيان ڪندو هوس ته من اندر اهنڪار لئي ويندو
هو ۽ شترن جون ڪرڙيون دوکو استون ۽ الهن جا الڏيها دماغ
مان نڪري ويندا هئا. ان وقت مان ائين سمجهندو هوس ته آئون
هن دنيا ۽ واهپي، جهنجهٽن ۽ جنجالن واري دنيا کان مٿي شانتي
۽ پريم آنند جي دنيا ۾ پهتو آهيان جتي نه ڪوئي شترو
آهي ۽ نه خوف، نه ڪوئي آهي نه تڪرار، نه سچ آهي نه وسعو،
نه ڌيان آهي نه رامت. بس، اهو مهنجو الوکو انڀو هو جو مونکي
محسوس ٿيندو هو. اڄ جڏهن مان سوچيان ٿو ته مان هيترو وڏو
پستڪ سخت ڪشمڪش ۽ تڪليفن واري عرصي ۾ ڪيئن لکي
سگهيو آهيان، تڏهن مونکي خود پاڻ تي عجب لڳي ٿو. پر اها
ايشور جي اپار ڪرپا ۽ سنتن جي آشيرواد آهي. ورنه مون ناچيز
۾ ڪهڙي شڪتي آهي!

پستڪ لکندي ڪڏهن ڪڏهن اهڙو ورتاءُ محسوس ڪندو
هوس جو مهنجي من ۾ ولولا اچي ويندو هو ۽ اکين مان ڳوڙها
نڪرندا هئا. خاص طرح شهادت جا اسباب لکندي جڏهن جڏهن
مهنجي قلم مان مس وهندي هئي ته ٿڙڪن ٿڙڪن مهنجي اکين
مان آلسون وهندا هئا ۽ اجهل زبان مان ڪولا جي روپ ۾ شبد
نڪرندا هئا. پستڪ لکندي مونکي اهو الوکو انڀو محسوس ٿيو
ته مان جڏهن ڳالهه جي اچا ڪندو هوس سا اسي پورندي هئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"ڪٽرون ٻڪس ڪرپال" جو باب پڙهي ورتو بعد ڪجهه ڏينهن لاءِ منهنجي من ۾ اهائي آند مانڊ رهندي هئي ته هندستان ۾ جن ڪانئن جي شيوا پرڪيراج ڪرشن مهاراج، گرو نانڪ ديو ۽ سنت ڪنور رام ڪئي سي اڄ آزاد هندستان ۾ اڳڪاهه جو قتلام ٿي رهيو آهن. هڪ رات جو اوچتو ٻڌل لڳا ڪيم ته هيٺئر ڪٿورڪرس ڪيهون ۾ حالت ۾ ڀارت ۾ امن اچي گهرجي. اس کان پوءِ ڏينهن اخبار ۾ پڙهيم ته ڀارت سرڪار گئور ڪرس کي بندش وڌي آهي. اهڙيءَ طرح ڪڏهن ڪڏهن ڏکي يا اڻ لڀٽي ڳالهه جي اڳ ڪندو هوس ته اها ان ڏينهن يا پوءِ ڏينهن امالڪ ازخود ٿي پوندي هئي. اهو ڏسي پاڻ کي عجب ڪائيندو هوس. شخصي زندگيءَ ۾ آئون اهڙا ڪيترا ئي عجيب ۽ انوکا انڀو محسوس ڪيا جي هت بيان ڪرڻ مناسب نٿو سمجهان. مان ڪيترا دفعا ائين محسوس ڪندو هوس ته آئون سنت ستارامداس ۽ سنت ڪنور رام سان گڏ ويٺو آهيان ۽ سائن روحاني ڳالهيون ڪري رهيو آهيان. ان وقت آئون پاڻکي عجيب و غريب دنيا ۾ سمجهندو هوس.

ساهتيڪار ۽ اتهاس نويس جو فرض آهي ته پراڻي ۽ نئين دنيا سان حقيقتون قلمبند ڪرڻ گهرجي چاهي اهي ڪن کي ڪڙيون لڳن! ليکڪ سماج جي ڪمزورين ۽ اوڻاين کي عوام اڳيان ائين پيش ڪندو آهي جيئن ڊاڪٽر مريض جي بيماري کي ايڪس ري ذريعي ظاهر ڪندو آهي. جهڙي ريت ڊاڪٽر مريض کي تندرست بنائڻ خاطر ئي هن جي بيماري جو علاج ڪندو آهي پوءِ چاهي اهو علاج جو طريقو مريض کي وڻي يا نه ۽ تهڙي ريت ساهتيڪار سماج جي اوڻاين روپي بيماري جو ڪڙي آلوچنا جي انجيڪشن ذريعي علاج ڪندو آهي. ٺيڪ انهي خيال سان آئون هن پستڪ ۾ هندو سماج جي ڪمزورين ۽ اوڻاين ٿي شڌ ڀاونا سان آلوچنا ڪئي آهي. ڪنهن به خاص ماڻهو يا طبقي ڏانهن اشارو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪول آهي. اميد ته پالڪ مهنجي شڪ پاولا کي خيال ۾ رکي مهنجي آلوچنا جو الٽو مطلب نه ڪيندا ۽ سماج جي اوڻائن کي دور ڪرڻ ۾ ڪوشان رهندا.

مون کي سوڀاڳيه سان زندگيءَ ۾ سڀني ڌرمي پستڪن جهڙوڪ ويد، اپنشد، گيتا، مهاڀارت، رامائڻ، قرآن ۽ بائيبل جي ابياس ڪرڻ جو موقعو مليو آهي. انهيءَ کانسواءِ انگريزي، عربي، پارسي، اردو، سنسڪرت، هندي، پنجابي ۽ سنڌي ساهتيه پڙهڻ جي دلچسپي مون کي شروع کان هئي. خاص ڪري چوڏهن سال اڳ پندرهن ورهين جي ڄمار ۾ حيات پتافي جي شداڻي دربار ۾ سنت راجارام صاحب جي رهبري ۽ رهنمائي هيٺ مونکي ڌرمي وديا پراپت ڪرڻ جو سونهري موقعو مليو. ان وقت انهيءَ اوستا ۾ آئون گرنٿ صاحب جو چڱو ابياس ڪيو. انهيءَ ڪري ئي مان هن پستڪ ۾ گرنٿ صاحب ۽ ٻين ڌرمي پستڪن لوڙي جدا جدا ٻولين جي ساهتيه مان حوالا ڏنا آهن. **مونکي هي ڪلڪ جي شڪتي، ساهتيڪ دلچسپي ۽ ڌرمي ڀاونائون پنهنجي پوجنيه پتا سرڳواسي ماستر منگهنداس تلريجا کان ورثي ۾ مليون، جي حيدرآباد سنڌ ۾ سنه ١٩٦٠ع ۾ جڏهن آئون ايم.اي پڙهندو هوس تڏهن مونکان هميشه لاءِ جدا ٿي ويا!**

آئون مٿي بيان ڪيل سڀني سنتن، سادن ۽ سهيوڳين جو آڀاري آهيان جن مونکي هن پستڪ لاءِ مواد هٿ ڪري ڏيڻ ۾ سهڪار ۽ سهيوڳ ڏنو آهي. آئون خاص طرح سنت ايشورام صاحب، شري کيمچند ۽ ڀڳت ٻڌارام جو تهدل شڪرگذار آهيان جن هن پستڪ جو مواد ڪٺي ڪرڻ ۾ ڪافي ڪوشش ورتي آهي. مان آدرش پرنسپال جي. پي. واسواڻي جو نهايت ٿورائتو آهيان جن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجو امولهه وقت سيڙهائي، پستڪ نظر مان ڪڍي، مهاڳ لکي ڏيڻ جي ڪرپا ڪئي آهي. آئون ماننيه پروفيسر ايم. جي. آڏواڻي پرنسيپال کي- ايم. کنڊلاڻي ۽ پروفيسر رام پنجواڻي جو آڀاري آهيان جن پستڪ نظر مان ڪڍي پهنجي واچڪن سان نوازي مهنجي همت افزائي ڪئي آهي. مان ڀائي ووڙها رام صاحب، شري شامداس دولوهل، شري ليوٽ سنت ۽ شري ٽاسيداس الرچا جو به اورانتو آهيان جن جي پستڪن مان مون ڪجهه نه ڪجهه مواد کنيو آهي. ان کانسواءِ آئون شري اوچن لال پنجابي (مالڪ اشوڪ پريس)، شري ايشورداس پڏواڻي ۽ شري روشن لال پڏواڻي (مالڪ انقلاب پريس) جو احسانمند آهيان جن هن پستڪ ڇپائڻ ۾ ڪافي سهڪار ڏنو آهي.

مون هي پستڪ انهيءَ پورن ڀاوَنا سان لکيو آهي ته موجوده ڀگا جا ديش واسي ۽ ايندڙ پيڙهي جا نوجوان هي پستڪ پڙهي امر شهيد سنت ڪنور رام جي جيون مان پريرنا پراپت ڪري پنهنجي جيون ۽ سماج کي سڌارڻ جو يتن ڪندا. ڪل مندرن جا مهنت ۽ گاديسر، ساڌ ۽ سنت، سائين ڪنور رام جي جيون مان سبق سکي پرائي پئسي کان پري رهندا ۽ پنهنجي پگهر جو پورهيو ڪري پرولار جي پالنا ڪندا، پنچ رائو ۽ طرفداري ڇڏي سنت ڪنور رام جيان غريبن ۽ بيڪسن سان نياءُ ۽ ستيه جي هلت هلندا، ڪامورا ۽ آفيسر ڪمزور ۽ ڪرپل طبقي جي پرکهور لهندا، سماج سڌارڪ، سياستدان ۽ شاهوڪار اڳمبر ۽ ڏيکاءُ ڇڏي پڪيٽ صاحب جيان سادو جيون گهاريندا، پنهنجو پئسو محتاجن ۽ مسڪينن جي ڀلائي ۽ بهبودي لاءِ ڪم آڻيندا ۽ ديش ۾ سچو سماجواد آڻي لکاپتي ۽ ڪکاپتي جي وچ وڏي ويڇي کي دور ڪندا. ڪل مهنڌا ديش واسي سنت ڪنور رام جي نقش قدمن تي هلي هريجنن، اڇوتن ۽ آديواسين کي پنهنجي گلي لڳائيندا! ڪل ڀارتواسي پڪيٽ صاحب جي جيون ۽ شهادت مان پريرنا حاصل ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سمدرشٽي، وشو ڀائپي ۽ ايڪتا جي سونهري سڏائت تي عمل ڪري ديش مان فرقيوارستي ۽ مذهبي ڪٽرپڻو دور ڪن ۽ سچي سنسار ۾ ميلاپ ۽ محبت، آرام ۽ پيار جي جوت جڳائيندا رهن! مونکي آسا آهي ته اڄڪلهه جا نوجوان ۽ ايندڙ پيڙهي جا نونهال سنت ڪنور رام جي شهادت مان سبق سکي هميشه لاءِ سچيت، ٻڌي ۽ ساوڌان رهندا، هو ڪڏهن به ڪٽر ۽ فرقيوارست ماڻهن جي چالبازين جي ڄار ۾ نه ڦاسندا ۽ نه ئي اوڳين، وهنوار ڪري جهڙي ساڻن لهڙو هلي پنهنجي جاني، تن، من ۽ ديش جي رکيا ڪندا. ايشور جي درٻار ۾ اها ئي وينتي آهي ته شل هن پستڪ لکڻ جي مراد پرواب ٿئي! جيڪڏهن هن پستڪ مان پراڻا پرائت ڪري ڪي نوراني ماڻهو جا لال ميدان ۾ اچي من، وچن ۽ ڪرم ذريعي ڌرم ۽ سماج جي رکيا ڪندا ته مان پنهنجو پورهيو سڄايو ۽ سڦلو سمجهندس! تٿا استو!!

تاريخ: ٢٠-٣-١٩٧٧ع

تٿي: ٻهران چيٽ وڪرمي سنبت ٢٠٣٤

ڪنئيالال منگهنداس تلريجا
پرنسيپال سي. ايڇ. ايم ڪاليج الهاس نگر - ٣ (بمبئي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنت سترامداس صاحب

”ڏهڻي چرڻ ۾ سائين مان سدا سر جهڪايان،
پٽي لهڻي پيرن جي مان مستڪ تي لڳايان.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

↑ ١- ٻالڪ روڙهارام ↑ ٢- سدت سترامداس ↑ ٣- ٻالڪ ڪنوررام

”ڏنيءَ آهين ڏنيءَ آهين سدڪيءَ جي باغ جا باغبان
ڪنول روحي گل ڪي ڏناني ڪيو لو جوان“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

رهڙڪيءَ جو سنت
ڪنور رام جو ستگرو، ڀڳت سترامداس صاحب جواڻيءَ ۾

”اُنهن جي ڏسڻ سان سنگيت جو چمن مهڪيو
اُنهن جي ملڻ سان ڪنول جو گل ٻهڪيو.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پرنسيپال ڪنئيالال ايم. تلريجا

بي. اي. (آنرس)، ايم. اي.، ميڊلسٽ

"ملڪ منهنجي ۾ شڪتي سون ڀڳوان پيدا ڪر،
سدا منهنجي ۾ سالن ساهس ۽ سومان پيدا ڪر."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پرارٿنا

هي سرو شڪتيوان سرجڻهار سائين! منهنجي ڪاڪ تاثير پيدا ڪر جيئن منهنجي رچنا جو هرهڪ شبد پڙهندڙ جي دل ۽ دماغ ۾ پيهي وڃي، جيئن منهنجا وشواسي هن پستڪ پڙهڻ بعد ان ۾ اهي گڻ پيدا ڪن جي پستڪ جي سرومڻ ۽ سنتن ۾ هئا. اهائي آهي منهنجي تمنا! اهائي آهي منهنجي پستڪ لکڻ جي مراد! اهائي آهي منهنجي ڪاڪ جي ڪوڪار تنهنجي دربار ۾!

هي ڪائنات جا ڪرتار! تون اسان ۾ سادگي ۽ سداچار، تياڳ ۽ اهنسا، نماڻائي ۽ نهٺائي جا گڻ پيدا ڪر. شل اسين سنت ڪبير رام وانگر سادو کائون، سادو پهريون ۽ اسانجي رهڻي ۽ ڪهڻي سادي هجي! شل اسان جي سماج مان فئشن، اڊمبر، ڪوڙو ڏيکاءُ ۽ ڪوڙو سينگار ڪافور ٿئي! شل اسين موهه ۽ ممتا، لوڀ ۽ لالچ جا اوگڻ ڇڏي تياڳمي جيون گهاريون! شل اسين ديش ۽ ڌرم، سماج ۽ جاتيءَ لاءِ من وچن ڪرم ذريعي تپسيا ڪريون! بين لاءِ ڪرم ڪندي اسان ۾ اهنڪار ۽ آپو، هٺ ۽ هوڏ، مغروري ۽ وڏائيءَ جا اوگڻ پيدا نه ٿين. شل اسين ڪرم ڪري، نهڪرم رهون، سير هوندي پاءُ سڏايون، شاهه هوندي غريب سڏايون!

هي پرم ديو پوڄيه پرماتما! اسانجي دلين ۾ پيار ۽ محبت جو مينهن وساءِ. اسانجي اندر مان نفرت ۽ ناسازي، ذڪار ۽ حقارت جا اوگڻ ڪڍي پريم جي جوت جڳاءِ جيئن اسين پيار جي نئين دنيا اڏيون، سک، سنهپ ۽ سهڪار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو نئون سماج نرماڻ ڪريون! شل اسين نه فقط پنهنجي ٻچڙن سان پيار ڪريون پر پنهنجي آسپاس گڏ رهندڙن ۽ ٻين سان به پيار ڪريون!

هي پرم پتا پرميشور! تون اسانجي ديش مان ڪٽرپڻو ڪافور ڪر، تعصبي دليون دور ڪر، فرقيوارئيت جي آگ کي وشو ڀائپي جي جل سان وساءِ ۽ انهن غدارن جا منصوبا مٽيءَ ۾ ملاءِ جيڪي تعصب جي ٻاهه جا پيٽ ڀاري اسانجي [redacted] روايتي گلشن کي تڪر تڪر ڪري اجڙ ڪرڻ جا پروڳرام ٺاهين ٿا. شل اسين سڀ ڀارتيٽي جا امڪ خيال ترڪ ڪري، ڀاشا جا ڀيد ڀلائي، مذهبي ويڇا وساري، ايڪتا جو آلاپ آلاپيون ۽ ”تون به رهه، مان به رهان“ جي سونهري سڌانت تي عمل ڪري اندر ۾ وشو ڀائپي جا ويچار اپڻ ڪريون! شل اسان جي ديش ۾ هڪ قوم، هڪ سڌانت، هڪ وڌان، هڪ نشان، هڪ سڀيتا، هڪ آچار هڪ ويچار ۽ هڪ وهنوار قائم رهي!

هي سرو وياپڪ سرو ايشور! اسانجي ديش ۾ سچو سماجواد پيدا ڪر. اسان ۾ اهي گڻ پيدا ڪر جيئن اسين ديش ۾ رهندڙ لکاپتي ۽ ڪکاپتي جي وچ ۾ وڌي ويل وڇوٽي کي دور ڪري سڀ کي [redacted] جي سمپتي جو ڀاڱي ڀائيوار ٺاهيون.

هي نرو ڪلپ نروڪار نياءُ ڪاري! منهنجي ديشواسين کي اهڙي ساڃهه ۽ سمجهه ڏي جيئن هو ٻئي جو دک پنهنجو سمجهي، سماج جي ڪمزور ۽ ڏتڙيل طبقي کي هٿ سان گڏ مٿي کڻڻ جي ڪوشش ڪن. هي ٻاجهارا اسان کي دان ڪرڻ جو صحيح طريقو سيکار. شل اسين انهن ڀوڳي گرن ۽ ڌرم جي ٺيڪيدارن کي دان نه ڪريون جيڪي ڪوبه ڪم نٿا ڪن پر الٽو قوم لئي بوجو بڻجي، محلاتن ۾ رهي دان جو پيسو عيش عشرتن ۾ برباد ڪن ٿا. شل اسانجي دان جو پيسو مندرن جي مهنتن وٽ وڃي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪي هند ڪنڊ اڇي اڃي اڃو غريبن، مهاجنن، ڏاڙهيلن، دڪانن،
بيڪسن ٻيمارن ۽ ڪرسان جي اُجاڙ زندگيءَ کي شاداب ڪرڻ ۾
ڪم اچي! شل اسانجي داتار پالڻ هار ۾ اها سگهه پيدا ٿئي جئن
هر غريبن کي ڪنهن دان ڏئي بيڪاري ۽ ٻين ٻه بڪالين ۾ انهن کي
هنر ۽ تعليم ڏياري پاڻ ئي پالڻ ۽ پنهنجو روزگار پاڻ ڪمائڻ جي
شڪتي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪن. اهوئي آهي صحيح طريقو
دان ڪرڻ جو ۽ ڪنهن ڪسي مٿي ڪڍڻ جو! اهو ئي آهي
سچو سماجواد!

هي ڪروڙا ميه ڪرپالو! تون ديش جي ڌنوانن جي
دلين ۾ ديش ۽ ڌرم لاءِ درد ۽ ديا پيدا ڪر جئن هو پنهنجو ڌن
اُنهن عيش عشرت، فئشن ۽ ڪوڙي ڏيکاءَ ۾ برباد نه ڪن، بلڪ
هو پنهنجو ڌن صحيح نموني ۾ دان ڪري غريب بيڪس ۽ بيوس
گوناٿن، مزورن، ڪسانن، ڌنارن، ٻيوارن جي جيون سڌارڻ ۾ سگهلو
۽ سڀاڳو ڪن جيڪي اڄ به وطن جا ٿنڀ ۽ چوڏا ڪاٽي پنهنجي
بيڪسيءَ ۽ بيوسيءَ تي روئي رهيا آهن ۽ وديشي پادرين جي
چالبازي ۽ ڇڏڪي ۾ ڇڪياچور ٿي پنهنجو اباڻو ڌرم ڇڏڻ لاءِ
مجبور ٿي رهيا آهن.

هي ديالو داتار! اسان ۾ نشڪام شيوا ۽ قرباني جو مادو
پيدا ڪر. شل اسين پنهنجو جيون سنت ڪنور رام وانگر ٻين جي
ڀلائي ۽ پراپڪار ۾ وقف ڪريون! شل اسين امر شهيد ڪنور رام
جيان پنهنجي ٻٻيڻي ۽ پگهر جي پورهيو ڪري، سچ جو پئسو
ڪمائي پنهنجي پريوار جي پالنا ڪريون ۽ نه ٻين جي ڪمائيءَ
مان پئسو سوڪار ڪري ٻين لاءِ بوجو بڻجون! اهڙي ڌنوان ۽
پونجيپتي، مهنت ۽ گديسر سماج سڌارڪ ۽ نيتا جي ٻين جي ڪمائي
تي پلجي سيوا جو ڍونگ رچي، غريبن ۽ اڇوتن جي خون ۽
پسيني مان ڪمايل پئسي تي پنهنجو اڌڪار ڄمائي عيش عشرت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪري رهيا آهن انهن جي دلين ۾ ڦيرو آڻي سگهي. پيدا ڪر جيئن
هو ديش، ڌرم ۽ سماج لاءِ بوجهه نه بڻجي، خود پورهيو ڪري،
ديش جا ڪارگر ناگرڪ بڻجي راشٽر جي نرنماڻ ۾ پنهنجو
يوگدان ڪن!

هي انادي ۽ ابناشي ايشور! تون انهن سڀ پرشن ۽
ستن جو سنگ ۽ صحبت ڏج جي سڀئي سون ڪن ۽ رڳي لعل
ٿين. شل تنهنجي ڀڳتيءَ ۾ رڱيل رهي تنهنجي پاٽي لاءِ پيل
رهون! هٿ ڪاج ۾ هجي، دل تو دلدار ڏي هجي! اٿندي ويهندي،
کائيندي پيئندي، سمهندي جاڳندي تنهنجو نالو چپن ۾ هجي!
شل اکيون تنهنجي خمار ۾ مخمور رهن، من تنهنجي موج ۾
مسرور رهي ۽ دل ۽ دماغ ۾ تنهنجو نام روپي نشو ڀرپور رهي!
پوءِ دنيا جي ڪا به طاقت منهنجو وار به ونگو نه
ڪري سگهندي!

هي وشو جا والي! اسان کي اهڙي ڪرپا ڪر جيئن
اسانجي وچن ۽ ڪرم ۾ ڪو ٿورو به فرق نه رهي. جيڪي ويچارون
سوئي زبان سان آکيون، جيڪي زبان سان آکيون،
سوئي ڪرم ڪريون، ڪرم ڪري، قول جي اچا نه رکون.
شل اسين سڀ ڪدورام جيان پنهنجي وچن سان اٽل ۽ اڏول
رهون! پران وڃي پر وچن نه وڃي! شل اسانجي ڪٿڻي ۽ رهڻي
هڪجهڙي هجي!

هي اگم اگوچر اُپائُٽھار! اهڙي ٻاجهه ڪر جيئن پوترتا
۽ پرهيزگاري جو جيون وليت ٿئي. پرائي شيءِ کان پري رهي
پنهنجي چيز سان قناعت ڪريون. پرائي ماڙي ڏسي
پنهنجي جهوپڙيءَ کي نه ڏڪاريون، پرائي شال ڏسي پنهنجي لوئيءَ
جي لڄ نه ڇڏيون! هي داتا! هيءَ دل دورنگي دنيا جي دام ۾
نه اٽڪي! ڪنول گل جيان دنيا ۾ رهي دنيا کان نرليپ ۽ نيارا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رهن! شل دک سک ۽ لاب هاڃي ۾ اڪسان رهـــي، "هيٺن ۾
سچو واهه واهه، هون ۾ سچو واهه واهه" اچاري لهڻهي رنگ ۾
رل رهون!

هي پڳت وچل پيلا را! تون ڪرپا ڪري اسان ۾ ديش
ڀڳتي، ماتر ڀڳتي، پتر ڀڳتي، ڪـــرو ڀڳتي، گرون ڀڳتي ۽ ايشور
ڀڳتي جا گڻ اتپن ڪر. اساڃي ديش ۾ تون ديش ڀڳت پيدا ڪر
۽ نه ته پيت ڀڳت! وفادار پيدا ڪر ۽ نه غدار!

هي اليپا اجهما ۽ اجوني پرڀو! تون اسان کي اهڙي
ديا جي درشٽي ڪر جيئن ارهه لوڙي شوڌر، غريب لوڙي غني،
دوست لوڙي دشمن، شاهه لوڙي ڪـــدا ۾ لهڻهي جرت پسون!
اساڃي اکين مان تون ڪٽر ڪيئي ڪافور ڪر ۽ اندر مان اگيان
روپي اونڌهه دور ڪري اهڙي نه سمدرشٽي جي سرڪي ٻيار جيئن
سرشٽي جي اٽي اٽـــي ۾ لهڻهو اجالو پسون ۽ ڪائنات جـي
ڪٽي ڪٽي ۾ لهڻهو شوالو پسون! هي ايشور! اسان جي اکين
۾ اهڙو نه سمدرشٽي جو سرمو پاء جيئن اسين اچوڻي ڪـي پهنجي
ٻلي لڳايون ۽ هريجن کي ڀاڪر سان ڪڍ وهاري ساٿي ڀاڪر پايون.

هي ڏينهن پنڊ و ڏيالو! تون اساڃي ديش ۾ وري سرونٽي
ستـ ۽ سرما پيدا ڪر جيئن ڌرم جو پرچار ٿيندو رهي ۽ لهڻها
پيلا ڦيندا رهـــن، لهڻهڃن ڀڳتيون، لهڻهڃن چوڪيون، لهڻها
کيران، لهڻها ڀاڳ، لهڻهڃن پوجائون جاري رهن. شل [redacted]
جي گلي گلي ۾ گيتا جو گيان گوڃهندو رهي، اوم جو آلاپ هجي،
ويدن جو وياکيان هجي، رامائڻ جو جاپ هجي، مهاڀارت جو
پاٺ هجي ۽ آڪاش ۾ اپنشدن جو آواز هجي!

هي شمڀو شروتا! هي داتا ۽ بينا! اسان ۾ اها سگهه
پيدا ڪر جيئن اسين وري اڳي وانگر هڪ ٻڌ ٿي سگهون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قائم ڪري سگهون ۽ ڀڄڻ ۾، پرميشور، تنهنجي جوت جرڪندي رهي ۽ سچ ۽ نياءَ جا فيصلا ٿيندا رهن! شل اسين ايڪتا ۽ ميلاپ، ذريعي پنهنجي سماج مان ڪُرسمون دور ڪراون. شل اسانجي سماج جو بنياد ستيه، نياءُ، ڌرم، سپرتا، سڌسڪرتي ۽ مريادا روايتن تي اٽل هجي!

هي گنيير گرديو گياتا! اسانجي ديش ۽ سماج ۾ ڀونگي گرو ۽ ڌرم جا ڪوڙا ٺيڪيدار نه هجن جي تنهنجي اپوجهه، پالڻ پوڻ ۽ وساهه وسوڙن پنڌن کي پنهنجي جار ۾ ڦاسائي، مڪتيءَ جا ڪوڙا دلاسا ڏيئي، ڪانئن ڀيٽائن جي روپ ۾ پئسا وٺن لُٽا ۽ اهڙي طرح سماج جي پيسي جو دراپيوگ ڪري عيش عشرت ڪن ٿا. هي ايشور! جيڪي ڀونگي گرو تنهنجي نالي ۾ هيڻن لاچار ۽ انياءَ ڪري پاڻ پوڄائي، تنهنجي نالي ۽ تنهنجي سچي ڌرم کي داغدار ڪن ٿا انهن کي اهڙو سمت ڏي جيئن هو سڌين راهه تي اچي ڌرم کي ڏنڌو ۽ ٺيڪيداري ڪري نه هلائين! اُهن الهن اپوجهه، پالڻ پوڻ انسانن ۾ گيان جو پرڪاش ڪر جيئن هو ڀونگي گرن جي پوڄا ڇڏي تنهنجي پوڄا ڪن ۽ هو جدا جدا مت متانترن ۽ فرقن جي اوڙاهه مان نڪري سناتن ويدڪ ڌرم جي اوٽ وٺن!

هي پروردگار پرم پتامهه! ڪو زمانو هو جڏهن سمورو سنسار ۾ هڪ ئي ڌرم هو، ويدڪ ڌرم. پر اڄ ڌرم جا ٺيڪيدار پاڻ کي ايشور سڏائي نت نوان فرقا، پنٿ، مت ۽ سمپرداءِ پيدا ڪري پاڻ پوڄائي رهيا آهن ۽ ڌرم جي نالي ۾ اڌرم ٿي رهيو آهي. اڄ سرشٽي رشين جي سنتان جدا جدا پنٿن جي جار ۾ ڦاسي حيران ۽ پريشان ٿي رهي آهي. ان ڪري جاتيءَ جو سنگٺن ٽٽي رهيو آهي. هي ڪرپالو! وري اسان تي ڪرپا ۽ ڪرپا جي درشٽي ڪر جيئن اسين وري هڪ ڌرم، هڪ سپرتا، هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنسڪرتي ۽ هڪ سڌانت جا پرچاري ٿئي پنهنجي صحيح ۽ سچي ڌرم جو پرچار ۽ پرسار ڪريون.

هي سگهارا ۽ ڀاڳارا ڌڻي! اسان کي اهڙي ڀاڳ، ڪر جيئن اسين ڌرم ۽ ديش خاطر جيئون ۽ ڌرم ۽ ديش خاطر مرون. شل اسان جو شرير، ماس، هڏا، ديش ۽ ڌرم جي ڪم اچي! شل اسان جو روم روم ديش ۽ ڌرم صدقي ٿئي! مرڻ بعد اسين وري به ديش ۽ ڌرم جي رکيا خاطر جنم وٺون!

هي ڌرم رکشڪ داتار! تون اسان ۾ ساهس ۽ سورهيائي، ڌيرج ۽ نرڀيتا، ايڪتا ۽ اڏولتا جا گڻ آڻين ڪر جيئن اسين بيباڪي ۽ بي ڀئي سان اڌرم ۽ انياءَ، ڪڪرم ۽ ڪڌاءَ جو مقابلو ڪري سگهون!

هي نرآڪار ڀڳوان! اسان کي اها سگهه ۽ سمت ڏي جيئن اسين پنهنجي ديش مان بک، بيڪاري، بيماري، بيروزگاري، اوديا، اگيان ۽ ابوجهائي جي پاڙ پٽيون. شل اسان جي ديش ۾ ڌن دولت، سک سمپتي، آنند ۽ اُلاس پيدا ٿئي! شل [illegible] جو هرهڪ ڳوٺ ۽ هر کيت سرسبز ۽ شاداب ٿئي! شل [illegible] ۾ اڳي وانگر کير جون نديون وهن! شل مکڻ، گيهه ۽ اناج جا ڀنڊار ڀريا هجن! شل [illegible] جي باغ جو هر گل مشڪندو، مهڪندو ۽ ٽهڪندو رهي!

هي دک ڀنڃن داتار! اسان جي ديش جي هر ديشواسي ۾ سوديشي ڀاونا آڻين ٿي جيئن اسين پنهنجي ديش جي ٺهيل کي وديشي گل کان وڌيڪ مان ڏيون، ديش جي ڪچ کي وديشي ڪنچن کان وڌيڪ ملهائتو سمجهون.

هي پرپورن پرميشور! [illegible] راجنيتي جي واڳ اهڙن ديش ڀڳتن جي هٿن ۾ ڏي جن جي دلين ۾ ڌرم ۽ ديش لاءِ درد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هجي، جيڪي [redacted] جي ڀاءُ کي پنهنجي سوارٿ صدقي قربان نه ڪن، جن جو [redacted] سهيتا ۽ سنسڪرتي ۾ درڍ وشواس هجي، جي [redacted]، جي رشين، منين، مهاتمائن ۽ سنتن جو من وچن ۽ ڪرم ڏاتارن آدر ڪن، جي [redacted] جي پراچين شان ۽ شوڪت پيدا ڪرڻ ڪرڻ لاءِ يتن ڪندا رهن.

داتار، پنهنجي درٻار ۾ ڌرم ۽ ديش صدقي ٻيک پيدا.

ڪنئيالال منگهنداس تلريجا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سونهاري سنڌڙي

سنڌن جي پوڄي

جهڙيءَ ريت سنسار جي سڀني ديشن جو سرومڻي ديش ڀارت ورش آهي، تهڙيءَ ريت ڀارت ورش جي سڀني پرديشن ۾ سرشيشٽ آهي سنڌ يا سنڌو پرديش جنهن کي پيار وچان اسين سونهاري سنڌڙي ڪري سڏيندا آهيون. سنڌ نالو سنڌو ندي تان ئي پيو. سنڌو شبد جي معنيٰ آهي ساگر يا وڏو درياهه. اسان جي سنڌو شبد تان ئي هندو نالو پيو.

"سنڌو تان ئي پيو لوڪ هندو نانءُ،
هندو، ڪهڙو سنڌو کي وسري وساري؟
اکين مان ڀرِڙها ڀاري ئي سنڌو ماتا پڪاري."
(لالو ٻچا)

پراچين ڪال ۾ جڏهن ٻيا ديش اوندهه ۾ اگيان روپي ننڊ ۾ سُتل هئا تڏهن اسان جا ابا ڏاڏا، پرکي رشي سنڌو ندي جي ڪناري تي ويهي ويد منترن جو گان ڪندا هئا ۽ وشو کي ويد سنديش ڏيندا هئا. اسان سنڌين لاءِ هيءَ هڪ گورو جي ڳالهه آهي ته پراچين ويد سڀيتا جو سروپ سنڌ ۾ سنڌو ندي جي ڪناري تي چمڪيو ۽ چمڪي سمورو ٿي سنسار کي روشن ڪيو. اهو ئي سبب آهي جو سنڌ کي ڀارت ورش جو سرشيشٽ ۽ سرومڻي پرديش ڪوٺيو ويندو آهي. سنڌو سڀيتا ۽ سنسڪرتي جي ساک موهن جو دڙو اڄ به ڀري رهيو آهي. ڀاڳيا جي مهر سنڌڙي مٿان آدڪال کان ئي ٻڌي رهي آهي. سنڌو ندي جي ڪناري تي ويد منترن جا آلاپ ٻڌندي سنسڪرت آهستي آهستي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ نئين پکڙي ويا. اهڙيءَ طرح پراچين ڪال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

حيات پنهنجي جي سنت منگلا رام شداڻي جي پرلوڪ پڌارڻ وقت



↑ ١- سنت ڪدو رام ↑ ٢- سنت منگلا رام (مراڪ شرڻ) ↑ ٣- سنت امرداس سيتو وسط شاهه
”شداڻي دربار“ لو ٻراهر گيان سنگيت جو ناڻو نماهي ڀختو ڪمو لو ڀيچ ٻراڻي ٻرسد جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سکر ۾ رڪارڊ ڀرائڻ وقت هز ماسٽرس وائيس جي ڪاريه ڪرڻ کان سان
سنڌ ن ساڃي ڀاسي ويمل سنت امرداس



”لاهوتي لڏي ويا چڙهي ٻاڏگيرن ٻرائيون، تن جا نيهن وهاڻن اڳ ڪري ٻاد سي کاٽيون.“

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان ئي سنڌ سنڌين جي ٻولي سنڌ جي لکي.

موجود هئا. انهن ۾ بـ اهڙو ڪو بـ شهر يا ڳوٺ نه هو جتي ڪو سنت يا اوليا نه ٿي گذريو هجي، نه روهڙي ڪي نه چوندائي هئا رنگ رلي روهڙي. سڄي روهڙي سنتن ۽ درويشن سان ڀري هئي. جنهن زماني جو مولڪي ورڻن ڪرڻو آهي ان زماني ۾ بـ سنڌ ڙي جي ڳوٺ ڳوٺ ۾، گلي گلي ۾ سنتن جو ڏيرو هو.

ڪراچي ۾ سوامي نند لعل جو ناماچار هو، نئين درٻار ۾ سنت لڇمڻ داس چمتڪار پئي ڏيکاريا. حيدرآباد سنڌ ۾ روهڙي وانگر درويشن جو آستان هو. حيدرآباد ساڌو واسواڻي ۽ ساڌو هيرانند جهڙا مهان پرش پيدا ڪيا. مشهور ڪوي دلپتراءِ بـ حيدرآباد ۾ رهندو هو. سوامي گوالا رام بـ حيدرآباد ۾ ئي پنهنجي امر ڪوتا رچي سنڌي ساهتيه جي املهه سيوا ڪئي. لکهڻڪاڻسواءِ سنت ڪمياداس ۽ قطب شاهه جهڙا درويش بـ حيدرآباد ۾ رهندا هئا. ملير ۾ سنت مولا رام ٿي موج مچائي. ٽنڊي آدم ۾ سوامي نيڻون رام امر باڻي رچي ايشوري آلاپ آلاپيا. ٽنڊي آدم ۾ سنت ديالداس بـ واهه جو درويش هو. هالاڻي پيلاڻي ۾ سنت سروپداس ايشوري سروپ ٿي پسايو. گهٽو اڳي نصرپور ۾ ويراڏيرو لال رتناڻي جهولي لال جو نعرو لڳائي ڪٽر مسلم بادشاهه مرک کي مات ڪري هندو ڌرم جي رکيا ڪئي. جوهي ۾ سنت ڀڳمت رام ٿي ڀڳوان جي ڀڳتي ڪئي. نارو شاهه ۾ سنت هرداس پئي هري جا گڻ ڳايا. منياڻين ۾ سوامي ڏانڊورام جو نالو هو. مانجهاندن ۾ سنت ترمداس ٿي نام جپايو. حيدرآباد ضلعي ۾ ڀٽ جي مٽي مان لڌو جتي سنڌي شاعرن جي سرتاج شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي امر باڻي رچي سنڌ جو شان بلند ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪنڌڙي ۾ روحل ۽ دريا خان امر ڪاوڙ رچي سماڻتا ۽ سمد رشتي
جو سنڌ ۾ ڏنو. راڻي پور جي پرسان درازن ۾ سچل سرمست
الهدي مستي وچان اول اولي ڪٽر ملن جي منهن تي چماٽ ٿي
هنئي. ٽنهن لڳ ڀڳ جي ڀاڱي ڪوي "پيرس" جي جنم ڀومي
لاڙڪاڻي ۾ سوامي ڌرمداس ڌرم جو پرچار ڪيو.
جيڪب آباد ۾ سورج گر جي مڙهي ۾ مهراج جشن گر ٿي تپسيا
ڪئي. ٽل ۾ سنت ساماٽا رام ستيه جو سنڌ ۾ ٿي ڏنو. ابڙو ۾
سوامي رامداس ٿي اشوري ليلا رچائي. ڀيرڳوٺ ۾ سوامي
آتم پرڪاش، سوامي ڏاڻارام، سوامي پريارام ۽ سوامي نارائڻ داس
جهڙا سنت رهندا هئا. شاهپور ۾ ڪامل درويش سنت هرچورام
ڪرامات جا ڪرشما ٿي ڏيکاريا. خيرپور ميرس ۾ سنت ڪيشو داس
جو آستان هو. شڪارپور ۾ مهان ڪوي "سامي" امر ڪرتا
رچي سنڌين کي سنڌيءَ ۾ ويدن جي واڻي سڻائي سنڌن ٽن من
ٺاريو. "سامي" جي شڪارپور ۾ ڪٽ واري دربار ۾ رهندڙ سوامي
رامداس به پورن سنت هو. لنهنگانسواءِ سوامي شنڪر پارتي،
سواءِ گولماڻند، سوامي سهجانند ۽ سوامي شامانند پنهنجي ڀڄن
جي ٻل سان شڪارپور جو شان ٿي وڌايو. سکر ۾ سنڌو جي سير
۾ سوامي بنکنڊي مهراج جي امر آستان ساڌ ٻيلو ۾ سوامي
هرنامداس هندو لو جو پرچار ٿي ڪيو. روهڙي جي نه ڳالهه ڪرڻ
ڪان ٻاهر آهي. ڇو نه آهن نه رنگ رلي روهڙيءَ ۾ سوا لک
سنتن جا ڏيرا هئا. روهڙيءَ ۾ سنڌو دريا جي ڪنڌي تي
ساڌن وسڻ شاهه جي درٻار سينبي سنڌ ان لاءِ هڪ ٻولر تيرٿ
آستان هئي. نڪريءَ تي متي گهوٽ وسڻ شاهه جي ستڪرو ساڌن
ٻارو شاهه جو ٻولر آستان هو. روهڙي ۾ رهندڙ، وسڻ گهوٽ
جو شش ماستر نمراج به گهٽ نه هو. هو ڪامل سنت هو. ٻيدل
۽ بيڪس به نه روهڙي ۾ ٿي شعر رچي وحدت جا نقطا ٻڌايا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڳ ڪنهن کي ڪندي ڪين ڏٺو هو. نيٺ سنت ڪلورام ۽ سنت چانڊورام ۽ ان سنت سان اچي پهتا هئا. پٺيءَ عاقل منڊي ڏيري ۾ سنت ڪلورام تي ايشوري ڪهل ڪي ڪارڻ تي موج مچائي. گهوٽڪي تعلقي جي ڇنگهن ڳوٺ ۾ سائين ولهرام تي موج مچائي. ڏهرڪي ۾ سنت ڪلورام جو پرڪاش هو. ڏهرڪي ۾ سنت چانڊورام ۽ سنت پوجارام جي دربار هئي. پٺافن (شداڻي نگر) ۾ ڪامل درويش سنت پوجارام جي دربار هئي. سنت تخت لال، سنت شدارام جي دربار ۾ حضوري سنت تخت لال، سنت شدارام جي دربار ۾ ماتا صاحب هاسي ٻائي، سنت منگلارام ٿانسيداس، سنت تنسڪرام، ماتا صاحب هاسي ٻائي، سنت منگلارام ۽ سنت راجارام هڪ ٻئي پٺيان گدي لي ويٺي گرهست پروار ۾ رهي ايشور جو نام جپايو. روهڙي، گهوٽڪي، ڏهرڪي ۽ پٺافن جون چار دربارون سنڌ جي سنڌين لاءِ چار ڌام (تيرٿ آستان) ليکيون هيون. رهڙڪي ۾ سائين ڪوتارام ۽ سندس سپتر سائين ستيرام داس ڀڳوان جي ڀڳتي تي ڪئي. رهڙڪي جي رِندي درويش سائين ڪوتارام جي دِيا ميا سان جروارن جي باغ ۾ هڪ ڪنول (ڪنور) جو گل پيدا ٿيو جنهن نه فقط سنڌ کي مگر سمپورڻ هند کي سرهاڻ ڏني.

گل جي سرهاڻ جي ساراهه سڀڪو ڪندو آهي ۽ ڪرڻ به کپي، پر گل جي مالهي کي ڪي ورلي ياد ڪندا آهن! ڪيرون لهڻيون انهي مالهي جنهن گل کي نپائي گل جي درجي لــي پهچايو. ٿنهنڪري جروان جي باغ ۾ پيدا ٿيل ڪنول (ڪنوررام) گل جي سرهاڻ جي ساراهه ڪرڻ کان اڳ، منهنجي ڪلڪ الهن بن ڪامل مالهين جو ورنن ڪندي جن ڪنول (ڪنوررام) جي مکڙيءَ کي نپائي گل جي درجي تي پهچايو. اهي ڪامل مالهي هئا رهڙڪي جا رِندي درويش سائين ڪوتارام ۽ سندن سپتر سائين ستيرامداس. سنت ڪوتارام جي دِيا دِرشٽي سان ئي ڪنول پيدا ٿيو. اجا هو مکڙيءَ جي صورت ۾ ئي هو ته سندس مالهي (سنت ڪوتارام) ڪانئس موڪلائي ويو. پر ڪنول گل جي پالنا ۽ پرورش جو ڪارج مالهي جي سپتر (سنت ستيرامداس) جاري رکيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

امر شهيد ڀڳت ڪنور رام صاحب

بال اوستا

جرواڙ لواسين جا ڀلا ڀاڳ چئبا جو ڪرتار مٿن اپار ڪرپا ڪري کين سرومڻي ڀڳت ۽ ڪامل سنت ڏنو. جرواڙن جي ڪلراٺي زمين ۾ اهڙو هڪ خوشبوءِ دار **ڪنول** (ڪنور رام) جو گل پيدا ڪيو جنهن سڄي سنڌ کي سرهاڻ بخشي. گل جي سرهاڻ جي ساراهه جُون سُرڪيون هرڪو ڀري ٿو، پر ڪيرون لهڻون انهن ٻن مهان مالهين (باغبانن) جن مان هڪ (سنت ڪوتارام صاحب) جي ديا درشٽيءَ سان ڪلراٺي زمين ۾ **ڪنول** جي مکڙي پيدا ٿي ۽ ٻئي (سنت سترامداس صاحب) اُن مکڙيءَ کي نپائي خوشبوءِ دار گل جي درجي تي پهچايو. ٻنهي ڪامل مالهين جو جهڙن جرلو مٿي چڙهيو ويو آهي. هينئر منهنجي ڪلڪ ان انوکي **ڪنول** جي گل جو چٽر چٽيندي جنهنجي سڳند ۽ سرهاڻ نه فقط سونهاري سنڌڙيءَ جي ڪنڊ ڪنڊ ۾ ڦهلي پر سنڌ کان ٻاهر جا پنور به ان گل جي سرهاڻ جا مشتاق ٿي واس وٺڻ ايندا هئا.

”ڪِلڪ منهنجي تون هاڻي لک ڪنور جي ڪهاڻي
زبان جنهنجي تي هردم هئي سنتن جي باڻي.“
(ٽاوراجا)

ڀڳت ڪوتارام صاحب جي وردان سان ڪيتن مالا ليرتعباني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪنور رام کي جنم ڏنو ۽ ڪيترن مالڪن ڄڙوارن ۾ اچي ٻيهڻوي
بالڪ لي پاڻ نالو رکيو - سو سڄو بيان مٿي ڪيو ويو آهي. هيئنر
سندس ٻال اوستا جو چٽو چٽو جيون چرتر ڪي اچٽي هلا ٿيو.

چوندا آهن ته: "سپالـر پار پينگهي ۾ ڏسـي پڌرو." ٻال
اوستا ۾ ئي ڪنور رام پنهنجي اوجـل آئينده جـو نمونو ڏيکاريو.
اڃا پينگهي ۾ ئي هو ته سندس پيشاني مان الوکي سندرتا جرڪندي
نظر ايندي هئي. جڏهن سندس اکيون اڌوگابراون بند ٿيلدڙون هيون
تڏهن اهي سمجهبو هو ته هو اڳئين جنم جو ڪو ٻوکي آهي، جڏهن
جا ٿماڻا ڀڳوڻ نام رٽيي حمار ۾ پرٻور آهن. جڏهن اکيون کولي مٿي
نهاريندو هو تڏهن ائين ڀاسبو هو ته آڪاش ۾ اڻپوري درشن ڏسي
رهيو آهي يا ديوانن سان روحاني رهاڻيون ڪري رهيو آهـي.
مشڪندو هو ته ماتا جو هانءُ ٺري ٺولدو هو. پر جڏهن روئندو هو ته
سندس روئڻ مان به رس ايندو هو.

"ڪن جو کاڻ ڪواري ڪن جو رئڻ رس پريو."

سڪهڙ ماٺهو سندس روئڻ ۾ سوز ۽ سوزتا، مهتاج ۽ مڌرتا محسوس ڪندا
هئا. جنم کان لي هو سدا مشتشت ٿوکي هو. کيس ڪنهن ٻڌڪ جي
پرواه نه هئي. ماتا ياد ڪري کيس ٿڃ ڏيندي هئي ته پريم سان
سوڪار ڪندو هو، پر جڏهن گهرو ڪم ڪار سبب ماتا کي
ٿڃ ڏيڻ وسري ويندي هئي ته هو به ماتا ۾ لپسوي ۽ ٿوکي وانگر
پينگهي ۾ سهڻو پيو هولدو هو، چڻ ته کيس ڪا لکين لي ڪولي.

"جس ڪا پتا تون هي ميري سوامـي
تس بارڪ بوڪـ ڪيسي؟
ڏونيـڻ نـام ڏنڌان گـرهم تـيري
مـن ٻاڇي سو لـهـسـي."
(گرواڻي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻين ٻروچي ٻارن وانگيان ڪڏهن به کيٽو يا کهڙي ڪانه
کاڌائين. سدا شانت، سنتشٽ ۽ سماجهو رهندو هو. ننڍي هوندي
کان ئي ٻارن پنهنجو هو. ڪوبه ڏاڍو مرد يا استري ٻالڪي ٽاراچند
جي گهر اچي ٻالڪ کي هنج ۾ وٺڻ جي لپا ڏيکاريندو هو ته هو
خود پنهنجن ننڍڙن هٿن کي وڌائي ڏانهس اچڻ جي لپا ڏيکاريندو
هو. ڇو ته جمندي ئي هو سڀ جو ٻي ولر هو. جيڪڏهن ماتا
جي ملي لپ خوشيءَ سان پيئندو هو ته ڪوڙي دوا سعي ٻچاڙ
کان به عار نه ڪندو هو. مٺڪندي ڪوڙي دوا به پي ويندو هو.
سندس ٻچپڻ ۾ رلڻ جا گهڻيج ڪڏهن به نظر نه ايندا هئا. ننڍي
وهيءَ کان ئي هو هرک ۽ سوگ، سک ۽ ڏک، لاڀ ۽ ٻاڇ ۾
يڪسان نظر ايندو هو.

”تنسا هرک تنسا اس سوگ
سدا آنند تهه نهي ٻيوگ.“
(گروباڻي)

جڏهن ڪجهه وڏيرڙو ٿيو ته ڏهن هو ورلي ۾ ملٽل اداري جا
ڪئي ڏيکاري لڳو. جيڪي شيون ۽ نول هٿ ڪي ڪاڻي ڏنا ويندا
هئا سي سڀ پنهنجي مک ۾ ڪونه وجهندو هو. ٻاڻ ٻوڪيءَ جهان
ٽورو نول ورتائيندو هو، باقي سڀ مٺيون ٻري اکيان ٻيل ڪانون،
ڪيرڻ ۽ جهرڪين ڏانهن اڇلائيندو هو. ونڊي ورهائي ڪائڻ جي
ڏات نه ڪنهن ننڍي وهي کان ئي ملي هئي. ڪتن ۽ ماڪوڙن
کي به مانئون کارائيندو هو. جڏهن روٽي کائڻ جهڙو ٿيو ته ڏهن روٽي
جا ننڍڙا ننڍڙا گرهه ڇني ڪتن ۽ ٻلن کي اڇلائيندو هو. ڪتيءَ جي
ننڍڙن گلرن کي گود ۾ جهلي روٽي کارائيندو هو، سندن گهر ۾
ڳانءِ هوندي هئي، جنهن سان ڏاڍو پيار ڪندو هو. روٽيءَ جا
ٽڪر ڪٽي وجهي ڳانءِ کي، کارائيندو هو. ڳانءِ جي ٻچائيءَ لسي
هٿ ڪهائي ڳانءِ کي چوندو هو ته، ”ڳانءِ ماتا! روٽي کاءُ.“
اهي هر ڳانءِ ڏانهن ڏسندو هو ۽ نه وري ڳانءِ ئي هنکي ڪو ٽوٽا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هڻندي هئي. شايد ڳانءِ کي ڌڪ هڻي ته گهر ۾ ننڍڙي ڪرشن اچي جنم ورتو آهي جو اڳتي هلي سڀني ڳائين جو گوپال ۽ رکپال ٿيندو.

چوندا آهن ته ٻار الهندو جو اهو آهي. سمجهو مالڪ ۽ استاد يا سگهڙ ماڻهو ٻار جي راند ۽ راندڪن مان ئي سندس پوشيده جو اندازو لڳائي سگهندا آهن. راڄا جو ٻار ننڍي هوندي ليڪمان کڻي راند ڪندو يا ننڍڙا ٻار گڏ ڪري انهن تي حڪم هلائيندو. واپاريءَ جو ٻار ننڍڙو دڪان ٺاهي ان ۾ مٽيءَ جا وصلا رکي وڪر ڪري وڪڻندو. هاريءَ جو ٻار ڪانن جو هر ۽ پاڃاري ٺاهي راند ڪندو ۽ ڪاموري جو ٻار قلم ۽ ڪاغذ کڻي لکڻ شروع ڪندو.

ڪنور رام ٻال اوستا ۾ عجيب ۽ الوکي راند ڪندو هو. هو هڪ هٽ واڻئي ۽ هاريءَ جو پٽ هو پر سندس راند ۽ راندڪا نه هئا دڪاندار جي ٻار جهڙا ۽ نه هئا هاريءَ جي ٻار جهڙا. هو ننڍڙي مرلي (بنسري) وڄائي مڌر آواز سان راڳ ڳائيندو هو ۽ سندس ساٿي ننڍڙو ڏڪڙ ۽ ڍولڪ وڄائيندا هئا. اهڙي طرح ٻال اوستا ۾ ئي هن جو لاڙو سنگيت ڏانهن هو. ڇاڪاڻ ته سنگيت جي شهنشاه سائين ڪوتارام جي ديا درشٽي سان ئي هن جو جنم ٿيو هو. ننهڪري مالڪن جي شايد اها ئي اِڇا هئي ته هو ٻال اوستا ۾ اهي ئي راندڪون ڪري پنهنجو من وندرائي جهڙي ڪيس وڏي هوندي ڪم اچن. ننڍي عمر ۾ ئي سندس آواز اهڙو ته سٺو، مٺو ۽ مڌر هوندو هو جو جڏهن هو بنسري وڄائي آلاپ آلاپيندو هو ته سندس ساٿي کيس ائين اچي وڪوڙي ويندا هئا جيئن ڀڳوان ڪرشن کي ڳائيون، گوال ۽ گوپيون چوڌاري واڙهي ويندليون هيون. سندس مٺڙي مڌ ڀري مرلي ٻڌي سڀني ڳارن جي لونءِ لونءِ ڪري پوندي هئي ۽ سڀ جو ڌيان مرليءَ جي مڌر آواز ۾ اهڙو ته مگن هوندو هو جو سندن سڀ ڏک پري ٿي ويندا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”مرلي مٺي ٻڌي ڪان وڄائي ڪونج ۾
مها مٺي موهڻي ڌُن اپار ڌري
ٻڌي ٻن ڪاڻان سان اوڻ لوڻ سڀ ٽري
سُڌ ٻڌ سڀ وسري سامي چئي سنسار جي.“

(سامي)

روزانو جهنگ ۾ ڳائون، ڳابا ۽ ڇيڙا ولي چارڻ ويندو هو ۽ اتي هو ڪرشن وانگر مرلي وڄائي ڳائين کي مست ڪندو هو. سندس پتا ڀائي تاراچند کي ٻنيءَ جو ٽڪر هوندو هو، جنهن وچ ڳائين کي چارائيندو هو ۽ کيت جي سنڀال ڪندو هو.

ڏهن سالن جي عمر ۾ سندس پتا، ڀائي ڏائومل وٽ کيس هندو سنڌي اکر پڙهائڻ لاءِ ويهاريو، جتي سندس سوٽ حڪومت به اڳيئي ساڳيا اکر سکندو هو. سندس ذهن تيز هو. تنهنڪري جلدي هندو سنڌي اکر سکي ويو. ايتري قدر جو پنهنجي سوٽ حڪومت کي به شهه ڏيڻي ويو. ڀائي ڏائومل کيس ننڍڙا ۽ سولا حساب سيکاريندو هو جيئن هو ليکي چوکي ۾ اڳتي پنهنجي پتا کي دڪان هلائڻ ۾ مدد ڪري.

ڪنور رام پنهنجي وڏا گرو ڀائي ڏائومل جي لئن من سان شعرا ڪندو هو، شعرا جو جذبو نه سندس رڳ رڳ ۾ هو. شعرا مان ئي نه هن کي مهرا مليا ۽ سندس کمت ۽ ڪمالا سڃاڻا ۽ سڃالا ليا.

”ستگر کي شعرا سقل هئا جيڪو ڪري چت لاءِ
من چندر يا قل ڀاو ڏا هو مئي وڃ جاءِ.“

(ڪروائي)

سندس اکر اهڙا هئا جهڙا موتين جا داڻا. مشهور ڪنور رام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ظاهري طور ڏسڻ ۾ وڏو پڙهندو هو ته به سندس من جو لاڙو ننڍي هوندي کان ئي ستسنگ ڏانهن هوندو هو. ننڍي اوستا ۾ ئي هو اڪانت ۾ ويهي ايشوري ڌيان ۾ مگن رهڻ جي ڪوشش ڪندو هو.

ننڍڙو هاري

ڀائي تاراچند کيتيءَ جو ڪم به ڪندو هو ۽ ننڍڙو دڪان به هلائيندو هو. کيت جي ڪم ۾ ڪنوررام پنهنجي پتا جي چڱي مدد ڪندو هو. هڪ ڏينهن سندس پتا آگيا ڪئي ته کيت ۾ جهار وڃي هڪالي. کيت ۾ فصل تيار هو. فصل کي پکين کان بچائڻ لاءِ هارين کي جهار هڪالڻي پوندي هئي. مٽيءَ جا گولا (گوڙها) ٺاهي ڪانياٺيءَ ذريعي هاري پکين مٿان اڇلائيندا هئا. انهن هو پکين کي پري ڪندا هئا ۽ فصل کي پکين کان بچائيندا هئا. بالڪ ڪنوررام کي به پنهنجي پتا آگيا ڪئي ته هو کيت ۾ ٻيهي تي چڙهي مٽيءَ جا گولا اڇلائي جهار هڪالي. پتا جو حڪم اکين تي رکي هو ٻيهيءَ تي آيو. سندس دل اهڙي ته نرم ۽ ڪومل هئي جهڙي ريشم. اهڙو رحم دل بالڪ ڀلا پکين تي ڪيئن گولا اڇلائيندو؟ تنهن ڪري کيت ۾ اچي هڪ اڪيلائي واري جڳهه تي ميهن موڙن ۾ ويهي ڌيان ۾ [illegible]. پتا جي ليکي ته پٽ ٻيهي تي چڙهي ڪانياٺيءَ سان کيت جي جهار هڪالي رهيو آهي. پر حقيقت اها هئي ته سندس پوکي پٽ ٻراڙي روپي ٻيهي تي چڙهي کما جي ڪانياٺيءَ سان پنهنجي اندر جي ڪلپت روپي جهار هڪالي رهيو هو.

پنهنجي پوک سڀيار ٻراڙي ٻيهي تي چڙهي
کما ڪانياٺيءَ سان ڪڍي ڪلپت جهار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻئي واٽ ويساهه جي، ٽڙون سامي پير نوار
نه ڪٽيون ٻنهين ٻار، اڳيئي اکين انڌا جا.
(سامي)

ڪرتار جي قدرت اهڙي لڳي جو ان ڏينهن اوچتو ماڻڪ جا ڪنڪ. اچي لٿا. سچو آسمان ماڻڪ جي ڳاڙهن ڪنن سان ولڳو رار. ماڻڪ جي اڏامندڙ ڪبوترن جي قطار سيڻي هارن جي دلين ۾ سيڻائپ ۽ سرهاڻ پيدا ڪري ڇڏيو. هرڪو هاري ٻيهڻي ڪيمت کي ماڻڪ جي آمد کان ٻچائڻ لاءِ حملا هلائي رهيو هو. ڪنهن لٺين سان ماڻڪ کي ٻئي ڀڄايو ته ڪنهن پٿر ٻٽي اُڇلايا. ڪنهن ڏانياٽيءَ سان گلولا پئي اُڇلايا ته ڪنهن دهل وڄائي ماڻڪ کي ٻئي ڊيڄاريو. پاڻيو تا ته ان نازڪ وقت پرسلٽو درويش هاري ڪهڙي ڪوشش ۾ هوندو؟ سڀ هاري ٻيهڻي ٻيهڻي ڪيمت تان ماڻڪ جي ٻلا ٽارڻ ۾ مشغول هئا. مگر ٻالڪ ڪبور رام ڀڳتي لي روئي ٻلڪي ماري، مٿين مولن ۾ وجهي دل رواڻي ڏيهڻ ۾ ٻلير جو ديدار لي ڪيو.

هوڏانهن ڀائي تاراچند کي جڏهن ماڻڪ [illegible] حملي جي خبر ٻئي لڏهن ڪدم ٻيهڻي ڪيمت ڏانهن [illegible]. واٽ تي سوچيندو آيو ته، "ٻالڪ ڪبور ماڻڪ کي ڇا [illegible] ٻيو ٻري هارين سڀني ماڻڪ اسان جي ڪيمت ڏانهن [illegible] هوندي اسان جي جوار جي ڀوڙ ماڻڪ ڏاڻي ناس [illegible] هوندي."

اهي ٻور ڀڄانيندو ڀائي تاراچند ڪيمت [illegible] ٻهڙو. ٻيهڙي شرط "ڪبور، او ڪبور" پڪارڻ شروع ڪيائين، ڪنهن ڪهڙي خبر ته ڪبور مولن ۾ مٿين ٻالڪي رب سان ڪهڙو روحاني رهاڻيون ڪري! ڪتراڻي سڏ ڪيائينس پر ڪو سڏ جو نه جواب نه آيو. اهو حال ڏسي ڀائي تاراچند ذرا ڏهلجي ويو، ۽ دل ۾ چوڻ لڳو، "منحوس ماڻڪ لنڊيءَ ڪبور تي حملو ته نه ڪيو آهي؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هن لاءِ ڇالو نہ سمجهيس ٻالڪ جو رکپال خود ايشور آهي. جنھن جي
رکيا ايشور پاڻ ڪري تنھنکي هٿ ڪير لائي؟

”جس راکي تس ڪوءِ نہ ماري
سو موئا جس منھ ٻساري.“
(گروواڻي)

پنھنجي ٻنيءَ ۾ پير پائيندي ٻائي تاراچند پنھنجي پٽ کي ايشور ڀڳتيءَ جي ڌيان ۾ مگن ٿيو ڏٺو. سندس حيرت جي حد ڪا نہ رهي جڏهن ڏٺائين تہ سندس ٻنيءَ ۾ هڪ ماڪڙ ۽ ڪرڙ هئي. پر وارڻ سبب ٻوٽن ماڪڙ ڪاٽي تباهہ ڪري ڇڏيون هيون. سڄي ڌرتي ماڪڙ جي ڳاڙهن پرن سان لال ٿي نظر آئي پر سندس کيت جو ذري ماتر بہ نقصان نہ ٿيو هو. ڄڻ تہ ڪنھن ازغيبي شڪتي، ماڪڙ کي ٻائي تاراچند جي کيت ۾ گهڙڻ جي منع ڪري ڇڏي هئي يا ماڪڙ جون ڪنيڙيون ڪپي ڇڏيون هيون.
ٻائي تاراچند جهٽ سمجهي ويو تہ ننڍڙو يوگي يوگ ۾ مگن هو؛ ايشور پاڻ اچي پنھنجي ننڍڙي ڀڳت جي ڀوڻي ٿي ڏني. جنھن کيت جو خود خاوند پهريدار تنھنکي ماڪڙ جا ڪٽڪ ڪھڙو نقصان پهچائي سگهندا؟ جنھن جي پت پرماتما پاڻ رکي تنھنکي هاڃي ڪير پهچائي سگهندو؟

”جس پت رکي ساچا صاحب
نانڪ ميٽ نہ سکي ڪوئي.“
(گروواڻي)

هن پر اسرار واقعي کان پوءِ ٻائي تاراچند پنھنجي ٻالڪ ڪنور رام کي ڪنھن ٻي درشٽي سان ڏسڻ لڳو. هن کان اڳ هو هنکي ابوجهہ ۽ انڄاڻ ٻالڪ سمجهي ڪڏهن ڇنڀ بہ ڪندو هو پر هاڻي هو هنکي يوگي ۽ ڀڳوان جو پيارو ڀڳت سمجهڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪوهر وڪڻڻ

ڪنور رام ته ننڍا هوندي، جي سنڀال ڪرڻ لاءِ وٽندو هيو ۽ دڪان تي ٻه ڀيڻيون پيا ڪسي ڪم ڪار ۾ مدد ڪندا هو. تنهن کانسواءِ سندس ماتا ڪمس ڪوهر رڌي ڏيندي هئي جو ڪي هو ڪني ۽ کٽي وڃي وڪڻندو هو. اهڙي طرح هو پنهنجي پتا کي اجيوڪا ڪمائڻ ۾ مدد ڪندو هو. پورن ۾ ڪيس جيتي ته ڪول هوندي هئي. ان وقت ڪنهن کي پائيو ته جر وارن جي لنڊڙي پورت جو هڪ غريب ڪوهر وڪڻندڙ ٻار جنهنکي پورن ۾ جتي ۽ ڪرل هوندي هئي سو اڳتي هلي سنڌ جي سنتن ۽ سنگيتڪارن جو سرتاج بڻبو؟

ٻالڪ ڪنور رام کي پنهن ڪهورڙن والڪن گراهڪن جو انتظار ڪرڻو نه پوندو هو. مڌر ۽ من موهيندڙ آواز سان اهڙو ته منڊر ڀرڪو ڏيندو هو جو سڀ ٻار ۽ ٻڍا، نر ۽ نارمون سندس جي جي چوڌاري اچي پهچندا هئا. جلد ئي سندس ڪوهرن جو ڪٽو خالي ٿي ويندو هو. ڪوهر وڪڻندي گراهڪن جي دل خوش ڪرڻ لاءِ ڪين راڳ به ٻڌائيندو هو. سندس ڳلي ۾ اهڙو ته مٺاج هو ۽ وائيءَ ۾ اهڙو ته سوز ۽ درد سمايل هو جو جڏهن ڳائيندو هو ته ٻڌندڙن جي سڌ بڌ وسري ويندي هئي.

سندس ماتا ڪوهر رڌي ڪوڙن سان ماپي ڏيندي هئي. کيس سمجهائيندي هئي ته، "پٽ ڪنور، جيترن ڪوڙن ڪوهرن جون گراهڪن کي ڏيان اوترن ڪوڙن ڪٽ جي ان مون کي آڻي ڏجانءِ."

ماتا جي آگيا موجب هو ڪوهر اناج سان پوري ڏيندو هو. ان ڏينهن روڪ ڪٿش جو مان هوندو هو. ڳوٺن ۾ ڪهورڙن جي عيوض اناج ڏيئي شيون خريد ڪري سگهبيون هيون.

هڪ ڏينهن سندس ماتا ڪنور رام کي وڏا ڪوهر ...

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪُڪڙ مائي ڏنا. چيائينس، "مان ونهه ڪڪڙين ان جسون مائي
ونڊي سارو." بالڪ ڪنور رام ماتا جي، آکيا مڃي ڪُڪڙن جو
ڪمرو کڻي رکڻ لاءِ روانو ٿيو. رستي ۾ ڪُڪڙن جو ڪوڪر
ٻڌي هڪ فقير وٽ آيو ۽ اچي چيائينس، "ڪنور! مونکي بک
لڳي آهي، الله جي نالي تي مونکي ڪُڪڙ ڏي. مون وٽ لڪي
البتي ان نه البتي بغا."

اهو ٻڌي بالڪ ڪنور رام منجهي ويو. دل ۾ سوچيائين،
"امڙ مونکي ڪڪڙ مائي ڏنا آهن. جيڪڏهن فقير کي هڪ
ڪڪڙ ڏيندس ته ان کٽي ٿيندو ۽ امان مار ڏيندي." جهٽ دير
بعد وري ٻيو خيال آيس ته، "هڪ طرف امڙ جي مار آهي ۽ ٻئي
طرف الله جو نالو آهي. پر نه امان ماري! امڙ جي مار سهي!
سائينءَ جو نانءُ وڏو آهي. وڌ ۾ وڌ ٻه ٽي لپاٽ (لوٽي) آهي سا ۾
سائينءَ جي نالي ۾، تنهنڪري اها هرگز موٽائڻ نه گهرجي." اهو
ويچار ڪري فقير کي ڪڪڙن جو ٽڪ ٻئي ڏنائين. فقير وري
اهو ٽڪ ڪڪڙن جو گهريو، سو به ڏنائينس. اها فقير جي ٽڪ ڪين
اٿي. ٽئين ڪري هن وري ڪڪڙن جو ٽيون ٽڪ به. ڪنور رام
کان گهريو، جو هن خوشيءَ سان کيس ڏنو. بالڪ ڪنور رام فقير
کي ڏي ٽڪ ڪڪڙن جا ڪارائي پوءِ للو جال ڀيارئو.

فقير پنهنجي اچ ٻڪ منان هڪي دعائون ڪرڻ لڳو،
"ڪنور، تو الله جي نالي مونکي ڪڪڙ کارائي پيٽ ڀرايو آهي.
ان جي بدلي ۾ لوڪي الله سائين تنهن جو نالو ڪندو ۽ تنهن جو
مٿو مٿانهون ڪندو." اهو ٻڌي ڪنور رام چيو، "تنهن جو نالو نه اوچو
هي ڳالهه آهي. حال في الحال الله سائين 'امڙ جي مار کان بچائو
نه لڳي گهرجون." فقير دعائون ڪندو رمندو رهيو.

بالڪ ڪنور رام ڪڪڙ ونڊي ان جو ٽڪ ڪٽي پنهنجي ماتا
وٽ آيو. امڙ چيس! ڏسو کان ان ٽڪ کٿي رکي اڪڙو ٽڪ ۽ باهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڃڻ لڳو، سندس ماڻا سمهي پيئي هئي. هڪدم اُٿي منهنجي ٻالڪ کي چوڻ لڳي، ”پٽ، اڄ ڪوهستر جهڙ پٽ هلائي آيو آهين، مان ٻوري لئه به ڪار ڪئي آهي ته تون مونکي به آڻيو آهين.“ ٻالڪ چيو، ”امڙ، اڄ اهڙا ته ٻڌا گراهڪ مليا جو ڪوڙن سان ڪوهر ٻاري ڏيڻ جي ضرورت ئي نه پيئي.“ اهو ٻڌي سندس ماڻا کيس آسيس ڪئي، ”پٽ اهڙا گراهڪ شل سدائين ملندا رهندءِ.“

اِهين چئي هوءِ ان ماڻڪ لاءِ اُٿي. جي ڪپڙي کڻي آئي. ڪنوررام اُمڙ جي ڏيپ کان دروازي جي ٻاهران وڃي لڪي بيٺو. سندس ماڻا ڪوڙن سان ان ماڻهو ته وٺي ڪوڙن جي بدران ٻاونه ڪوڙاون ليون. ورهي ماڻي ڏالائين ته برابر اوترو ئي ليون. وڏي آواز سان رڙ ڪري پٽ کي سڏي چيائين، ”ڪنور، هيڏي ته اچ، اڄ ڪنهن ليڊي ٻار کي ٺڳي آيو آهين ڇا؟“ اهو ٻڌي ڪنوررام ڊوڙ پالي ماڻا جي اڳيان اچي بيٺو، دل ۾ سوچيائين، ”جيڪڏهن امڙ کي سچ ٻڌايان ٿو ته سوٽيءَ سان مار ڏيندي.“ ٿورڙي ڪنڪي هڪ اٽڪل سجهي آئي، ماڻا کي چيائين، ”امان مان ڪنهن به ٻار کي ڪونه ٺڳي آيو آهيان. مان ڪنهنکي به گهٽ نه ڏيندو آهيان ۽ اڪي وڌيڪ ڏيندو آهيان، شايد تون پل ۾ ڪوهر وٺي ڪوڙن کان وڌيڪ ڏنا آهن.“

اهو ٻڌي سندس ماڻا ڏٺي ماٺ ڪئي، پر هن دل ۾ ضرور سوچيو ته، ”مونکي چڱيءَ طرح ياد آهي ته مان منهنجي هٿن سان وٺي ڪوڙاون ڪوهر ڪڏهن ڪي ڏنا آهن. منهنجي مونکي پڪ آهي ته مونکان ڪابه ڀل ڪين ٿي آهي. [illegible] ڪنور جي پوڙهي ۾ اچڻو، شايد ڀرڪت وڌي آهي.“

اهين سوچي منهنجي ٻالڪ کي سڏي چيائين، ”ڪنور، مونکي پڪ آهي ته مان ڀل ۾ وٺي ڪوڙن کان وڌيڪ ڪوهر لوڪي ڪين ڏنا هئا. هي به ڪوڙن وڌيڪ ان اسانجو نه آهي. اسانکي اوترو ان ڪوي جيترا اسان جا ڪوهر هئا. تنهن ڪري تون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهي ٻه ڪپڙا ٻون ان جون ڪٽي وڃي ڪٿان هوائي ڪري ڏي.
ٻليهار وڃان اهڙي ماتا تان جا غريبي هوندي به پرائي ڪونه ڪوڏيءَ ڪان سدائين پري هٽي.

هن واقعي بعد ٻالڪ ڪنور رام کي ٻال اوستا ۾ ئي ايترو وشواس جمي ويو ته ايشور جي نالي ئي جيڪي ڪجهه ڏجي ٿو سو اچايو ٿو وڃي، ٻاڪي ان ۾ ارڪمت ٿيوي ٿئي. هن فاني سنسار مان انسان پاڻ سان اهو ڪجهه کڻي هلندو جيڪو هو سائينءَ جي نالي نه هٿ ڏيندو.

”جيڪي تون ڏيندين اُنهي نانءُ سائين جي
اٿي هٿن ڏيڻ مان ساٿي سو نيندين
ڪري رب ... ... بوابندي
...ي ... ... هر سر اهڙي هٿ تي.“

(سامي)

سنگرو سان پهرين ملاقات

سنت ستر امداس صاحب پهچي توائي سنت جي وارن ۾ ٻيڪت ڪرڻ لاءِ آيا. ان وقت ڪنور رام جي عمر اٺ سال هئي. سندس ماتا کيس چوڻ لڳي، ”ڪنور، سڀاڻي هتي هر ٻاٽ جو رهڙڪي وارتب سنت جو اچڻ آهي، انهيءَ ڪري توکي هڪڙو ڪان وڏو ڪوهر رتي ڏيندي آهيس. تمام ڳهڻي ڪشمت اچڻ ٻڌڻ ايندي. لهجڪرتي انهيءَ ڪوهر جلد هلي ويندا.“

”هائو اما، سڀاڻي پڇڻ ٻڌڻ لاءِ هزارين ماڻهو ايندا انهيءَ ڪري موڪلي ڪوهر جو ڪنو ڀري ڏجانءِ ته مان اهي سڀ هلائي ايندس.“ ٻالڪ وراڻيو.

اِنَ ڏينهن ۾ پاڻ جو ماتا پنهنجي ٻالڪ کي ڪوهرن جو ٻوٽل ڪنو ڏيئي يڪمشت ڏاڍهن آماڻو، توهان پاڻيو تا ته ان وقت ٻالڪ ڪندر رام ڪهڙي پوشاڪ ۾ هو! ڪيس ڪدر يا ٻانهي جي تلهي ڪوڙي مان لهول پاجامو ۽ ڪڙتو پيل هو ۽ متي تي هلڪي سادي ٽوپي هئي. هو پيرن اگهاڙو هو.

اِن سالن جو غريب ٻالڪ جنهن کي پيرن ۾ جتي به ڪين هئي سو پرماس جو پنهنجي ملڙي لعل قتالي متي تي رکي ڪوهرن جو ڪنو ڪٽي پيٽ جي جاءِ تي آيو. هو ملڙي ۽ مڏ ۽ سر سان ٻرڪو ته ڏيئي رهيو هو ۽ ڪوهر ڀي وڪڻي رهيو هو. سامهون ستر امداس ان وقت پوڄن ڪري رهيا هئا. سندس ڪنن تي ڪنو ورام جي هرڪي جو آواز پيو. سندس آواز اهڙو ته سهڻو ۽ سريلو هو جو سوامي جن جي دل ۾ اچي ويو. هو يڪدم ڪندي ۽ لهندي اچي اُلي پهتا جتي ٻالڪ ڪوهر وڪڻي رهيو هو.

سوامي جن کي ڏسي هو سندن چرڻن تي ڪري پيو. ان وقت ڪنهن کي پاڻيو ته ڪوهر وڪڻندڙ غريب ٻالڪ اڳتي هلي يڪدم ستر امداس جي روحاني امانت جو وارث ٿيندو ۽ پنهنجي ستگروءَ جو نالو روشن ڪندو؟ پهرين کي ڏنو پنهنجي ستگروءَ جو درشن ڪري ڪنو ورام جا ٿيڻ لڳي پيا ۽ سندس لونءِ لونءِ پرسن ٿي اٿيءَ. هو من ۾ گد گد ٿيڻ لڳو جيئن ته ڪيس الله آلمڪ ڏن پراپت ٿيو هو.

سنتن جو درسن ڏسي نيڻ ٺري پيا
ٻڌي واڪ ولاس جا لونءِ لونءِ ٿي پرسن
اوديا ڪليپت نه رهي مٽيو سڀ مڏن
ٻائي آتم ڏن سامي سمجهو سهج ...

(سامي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنتن بالڪ ڪنور رام کي ڳلي لڳايو، مٿي تي هٿ ڦيرايو ۽
ڏانهس مهر ڪري چيو:
"ٻچا تنهنجو نالو ڇا آهي؟"
"سائين، غلام ڪنور،" هٿ جوڙي بالڪ جواب ڏنو.
"هن ڪني ۾ ڇا کنيو اٿئي؟" سنتن پڇيو.
"سائين، ڪوهر."
"ٻچا اسان کي هي ڪوهر ڏيندين؟" سنتن پڇيو.
"بابا، مان اوهان لاءِ ئي ته هي ڪوهر کڻي آيو آهيان."
"پٽ، ڪوهرن جي سڄي ڪني جا ڪيترا پئسا وٺندين؟" سنتن مرڪندي پڇيو.

"سائين، مان اوهان کان پئسا ڪونه وٺندس." بالڪ ڪنور رام ورانيو.

"پٽ تون غريب آهين، اڄ اڪيلي تنهنجا ڪوهر وڪڻڻ ته نڪتا آهن، پوءِ تون ڇا وٺندين؟" سوامي جن کيسي مان پئسا ڪڍندي چوڻ لڳا.
"سائين، مان به اوهانجو، ڪوهر به اوهان جا! پوءِ پئسا ڪهڙي لاءِ ڏيو؟"
"پٽ، جيڪڏهن تون پئسا نٿو وٺين ته پوءِ ڪوهرن جي عيوض اسين توکي ڇا ڏيون؟"
"سائين، تنهنجي مهر ڏيو جيئن منهنجا ڪونا ڪرم ڪٽجي وڃن."
اکين ۾ آنسو آڻي ڪنور رام جواب ڏنو.

اهي لفظ ٻڌي سنت سترامداس صاحب، ننڍڙي ڪنور رام کي پيار ۽ ڀاڪر ۾ ڀري ڳلي لڳايو ۽ سندس مٿي تي هٿ ڏيئي فرمايو:

"ڪنور، تنهنجي ڪوهرن جا ڪڻا اڄ اکٽجي ويا ۽ تنهنجا ڪونا ڪرم سڀ ڪٽجي ويا."

بس، اها هئي بالڪ ڪنور رام جي تنهنجي سنگرهه سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن ملاقات! هو ٻهراڻ پرکشا ۾ پاس ٿيا ۽ سنگرن جي آسيس پاتائون. ڪري ڀلا ڄراه ڪنور رام جي ڪوهرن اڳهاڻ جو چتر پنهنجي ڪوتا ۾ هن ريت چٽيو آهي:

"ڪنور، تنهنجي ڪوهرن جا — اڄ اڳهامي ويا ڪٽا،
ڪوهرن جي ڪٽڻ صدقي — ٻيا ڪانئيندا ڪور گهٽا.
ڪنور، تنهنجي ڪوهرن جا — اڄ ڪٽا ويا پوئجي،
جي لٽي ساري عمر — نه ٻه سنگ نه وڃندا سوڪجي.
هڪ جيلي ڪوهرن ڪي — جيئڻ ڪاراڻي ڏيو خلاص،
ڪوهرن جي ڪاڻ صدقي — ويو ڇٽجي گرو رامداس.
ڪوهري لالو اڄ ڪنور — تنهنجو ڪٽجي ويو،
سالن سچي سترام جو — جڻ بندگل در پٽجي ويو.
سرام ۽ سرلمت ڏيندو — ڀلاج ڄمان پوساما،
ڪوهرن جي ڪٽڻ صدقي — تنهنجي امر ٿيندي آتما."

بندوق لڳڻ جو سراپ

جڏهن بالڪ ڪنور رام پنجن سالن جو هو ته هن سنڌس پتا هن کي ڀائي ڏاتو مل وٽ هندو سنڌي اکر سکڻ لاءِ ويهاريو هو. شري ڏاتو مل هن کي هٿ واڻڪا اکر سيکاري ليکي چوکي ۾ پڪو ڪيو هو، ايتري قدر جو هو هاڻي پنهنجي پتا کي سنڌس دڪان لي ڪافي مدد ڪرڻ لڳو. متي بيان ڪيو ويو آهي ته ڪنور رام پنهنجي پتا جي آگيا انوسار نه فقط دڪان لي ڪم ڪندو هو پر ٻهيءَ لي نه ڌو رهيو ڪندو هو، وري پنهنجي ماتا جي آدش موجب نماڻو بالڪ ڪوهر نه وڪڻندو هو. ڪوهرن جو هوڪر مٺڙي مٺڙي سان مڌر آواز سان ڏيندو هو جو سڀني جي دلين ۾ ٻهوي ويندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هو. سنڌس من موهيندڙ مڌر هوڪو ٻڌي ڪيترا ڀيرا ۽ ٻار هڪ ٻئي
پٺيان اچي ڪوهر وڄندا هئا. ائين سنڌس ڪوهر جلد خلاص ٿي
ويندا هئا. هن جي ڳلي جي ميلاج ۽ مڌر آواز جهڙي ساراهه جون
سرڪيون هر هڪ ماڻهو پڙهندو هو. ڪيترن سيٺن ٻائي ٺاڪرچند کي
صلاح ڏني هئي ته هو پنهنجي پٽ کي ڪنهن هوشيار گائڪ وٽ
راڳ وديا سکڻ لاءِ موڪلي. ٻائي ٺاڪرچند جي ته مرضي هئي ته
سنڌس پٽ جيڪر شاستر وديا ۽ راڳ وديا سکي پڙ ٿئي. الهيءَ
خيال سان هن پنهنجي پٽ کي حيات پٺاڻي ڳوٺ جي درٻار ۾
موڪلي ڏنو.

حيات پٺاڻي ڳوٺ (ليکڪ جو جنم آستان) جروارن جي
ڳوٺ کان اٺ ميلن جي مفاصلي تي آهي. ان وقت پٺاڻن جي درٻار
۾ پوڄيه ماتا صاحب هاسي ٻائي گديءَ تي براجمان هئي. درٻار جو
ٻانيو وجهندڙ سنت شدارام صاحب هو، جنهن ڪري درٻار کي اڄ
تائين شدائي درٻار جي نالي سان سڏيندا آهن ۽ درٻار جا سڀ
سنت ۽ ساڌ ٻار ڪي شدائي سڏائيندا آهن. پوڄيه ماتا هاسي ٻائي
لسڪرام صاحب جي ڌرمپتني هئي. سنت لسڪرام صاحب، حضوري
سنت لڇمڻ لال جو سپتر هو. سائين لڇمڻ لعل جو پٽ سنت لسيداس
صاحب، سائين شدارام جو پرم شش هو. اهڙي طرح پٺاڻن ۾
شدائي درٻار جي گديءَ تي ان وقت پنجين پاتشاهي پوڄيه ماتا
هاسي ٻائي براجمان هئي.

ماتا صاحب نالي ۾ ناري هئي پر ڪيس حڪمت ۽ طاقت مردن
کان نه وڌيڪ هئي. گديءَ تي براجمان هوندي به هوءَ درٻار جي
مهمانن، سادن ۽ سنتن جي شيوا پنهنجي هٿن سان ڪندي هئي.
ڏڪار جي وقت ۾ جڏهن اناج جي اڻاٺ هئي، تڏهن هو ڏينهن
لٽي جو اٽن تي ريڍ چولهڙ لاءِ ويندي هئي. اڄ ڪلهه جي ليڊي
نهي وارن کي شايد وڏ چولهڙ جي خبر نه هجي. ان ڏينهن سنڌ
۾ جڏهن هاري ٻني ۾ فصل لڻندا هئا تڏهن فصل ڪڍيندي اناج

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي حوالي ڪيو. ٻالڪ ڪنوررام ڏهن سالن جي عمر ۾ اچي ٻوڄ ماتا صاحب کي مٺو لڳندو هو. هو درٻار ۾ رهي، ڀائي هاسارام کان راڳ ودا سکڻ لڳو. اهڙي طرح ڪنور رام جهر کان وڪاٽيل ٻال ۽ رهڙڪي وارن سنتن وٽ هو ۽ سندس ٻهراڻي گر درٻار پنهنجن جي هئي. راڳ ودا سان گڏ هو گرمکي اکر به پڙهڻ درٻار ۾ سکيو.

جروارن جو ٻهو ٻالڪ ڀائي پريمون به پنهنجن درٻار ۾ راڳ ودا سکندو هو. اهڙي طرح جروارن جا به گل پنهنجن درٻار ۾ ٽڙڻ لڳا. ٻنهي جو پاڻ ۾ ٻاراڻو هوندو هو. ڀائي پريمون ٻچاڙي ٽالهن پڪيء صاحب جو ساٿي ٿي رهيو.

جڏهن درٻار ۾ ڪٿا سماپت ٿيڻ بعد ڪيرتن ٿيندو هو تڏهن ٻيئي ٻالڪ ڀائي هاسارام جي رهبري هيٺ ڀڄن چوندا هئا ۽ هڪ ٻئي جي سامهون ويهي ڳائيندا هئا، ٻنهي جو آواز وڻندڙ ۽ موهيندڙ هو. ٻالڪ ڪنوررام کي ته ڄاڻي جهر کان سنگيت جي ڏات مليل هئي. هن پنهنجي مڌر ۽ مڌوهر آواز ڏنارن سڀني جي دل پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتي. درٻار ۾ ڪيرتن لـئي هاڻي ڪيترا کان به وڌيڪ ماڻهو اچڻ لڳا. ماتا صاحب ٻالڪ ڪنوررام کي ڏاڍو پاليندي هئي، اهتري قدر جو هن کي پنهنجي گرڻ جروارن ڏانهن وهڻ جي مرڪل ڏيڻ کان هڪ ڪيپائيندي هئي. هوڏانهن ڀائي ٽاراچند ۽ سندس ڌرمپتني پنهنجي ڪماڻي لاء سڪندا هئا. هڪ دفعي ڀائي ٽاراچند خفي ٿي پت کي چيو، "ٻچا ڪنور! تون منهنجي مرڻ وقت به شايد حاضر نه هوندين ۽ ڏيو به نه ٻاريندين." ڀلهنتي ٻالڪ ڪنور رام ورائيو، "پتا جي، اوهان جو سر ان منهنجي وارو چيند ۽ ماءُ اوهان جو درشن ڪچاڙيء ٽالهين ڪندس."

ٻالڪ ڪنور رام ڏينهن جو درٻار جي شيوا ڪندو هو ۽ رات جو راڳ ودا سکندو هو. نه فقط پنهنجي وڏا گرو ڀائي هاسارام جي ٻڌي من سان شيوا ڪندو هو پر ماتا صاحب جي به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لڳن سان شروع ڪيائين. سڀاڻي جو سڀاجهڙو، لماڻو ۽ لهلو هو، وهر جو سندس آواز هو سريلو. انهن ڪري ماتا صاحب مٺس موهت ٿي پيئي. سندس دل ۾ اُميدي هئي ته ڪو ڪنور رام ڪالهس ڪن لاءِ نه ٻري ٿئي. جيڪڏهن ڀائي هاسارام راڳ ودِيا سيکاريندي ڪنور رام کي ڪجهه گهٽ وڌ ڳالهائيندو هو ته هوءَ هن کي ته چپ ڪرائيندي هئي. ڪيس دوه ڏرشٽي ذريعي خبر هئي ته ٻالڪ ڪنور رام اڳتي هلي پنهنجو ۽ پنهنجي ستگرو جو نالو روشن ڪندو.

هڪ دفعي جي ڳالهه ڪندا آهن ته ڀائي هاسارام ڳائڻ ودِيا سيکاريندي ڪنور رام تي سخت غصو ڪيو. ڇو ته هن جي دعا هئي ڪنور رام کي هڪ سُر سيکاريو پر هو هارمونيم جي آواز سان ٻڌي تال ۾ سُر نه ملائي سگهيو. انهن ڪري ڀائي هاسارام جي غصي جو پارو چوٽ چڙهي ويو. هن غصي ۾ ٻالڪ ڪنور رام کي چيو: "ڪانگ، تون راڳ سکي نه سگهندين، هتان هليو وڃ." اهي لفظ ماتا صاحب ٻڌي ورتا، جنهن ڀائي هاسارام کي مخاطب ڪري چيو، "ڀائي هاسا، خبردار ٿيان اهي لفظ وري مک مان ڪڍيا اٿئي؟ ڪنور ڪانگ نه آهي مگر ڪنول جو گل آهي جو اڳتي هلي ساري سنڌ کي سڳنڌ ڏيندو ۽ پنهنجي ستگرو جو نالو روشن ڪندو. توکي هن جي ڪهڙي خبر؟ هن کي تون ٻڌرام سان راڳ سکا. هي اهڙو ته راڳ سکي نروار ڪندو جو هن کان پوءِ دنيا ۾ هن جهڙو ڪوئي پيدا ٿي نه سگهندو."

جيتوڻيڪ ماتا صاحب ڀائي هاسارام کي گهڻو ئي سمجهائيندي هئي ته هو ٻڌرام سان ڪنور رام کي راڳ ودِيا سيکاري. پر هو سڀاءَ جو شوخ ۽ ڪروڌي هو. هو عادت کان مجبور هو. چوڻي ۽ ڏاڍهي چوڻ ته هن جي عادت هئي.

"عادت نه وڃي عاد تي، علت مور نه ڄاءِ،
انت ٿيوي ڪٽڪ
جر تر ڪندا چوڻ چوڻ ڪاءِ"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُهن ڪري ٻالڪ ڪنور رام کي ڳائڻ ودِيا سکڻ جي اسعاد کان مارون کائڻيون پيون ۽ ڪافي سور ۽ سختيون سهڻيون پيون، ڏک ۽ ڏاکڙا ڏسڻا پيا. هو ملي لوڙاسان ڏکن ڏي سکن جي سولهن سمجهي سهڻ لڳو.

”ڏُکَ سُکن جي سونهن گهوريا سُکَ ڏکن ري
جنين جي ورونهن سڄڻ آيو مان ڳالهه.“
(شاهه)

هڪ دفعي جي ڳالهه ڪندا آهن ته ٻائي هاسارام ڪنور رام کي ٻانهن کان پڪڙي دربار جي کوهيءَ جي مٿان جهلي، دڙڪو ڏنو ته، ”ڪنور، جيڪڏهن تون پوري سر ۽ تال ۾ نه ڳائيندين ته توکي هن کوهيءَ ۾ اڇليندس.“ ٻائي هاسارام ڪجهه وقت برابر ڪنور رام کي کوهيءَ جي مٿان جهلي بيٺو هو. جيستائين هن پوري سر ۾ نه ڳاتو، تيستائين ان ڇڏيائينس.

هڪ دفعي جي ڳالهه ڪندا آهن ته ٻائي هاسارام پنهنجي شش ڪنور رام سان گڏهه تي چڙهي ڀرپاسي کان ڪالهن پئي آيو. ٻائي هاسارام گڏهه تي اڳيان ويٺو هو ۽ سندس پٺيان ٻالڪ ڪنور رام ويٺو هو. پنهنجي گروءَ جي حڪم موجب ڪنور رام جهنگ مان هڪ اڪڻ جي ٽاري گڏهه کي هڪلڻ لڳو. جڏهن ڳوٺ پهتا تڏهن ٻائي هاسارام اهو اڪڻ هٿ ۾ ورتو. اڪڻ تمام سنهو ۽ لسو هو ٺهڪري هن کي ڏاڍو پسند آيو. ڪنور رام کي چيائين، ”ڪنور هي اڪڻ هٿڪو ڪري رکجانءِ. متان وڃائي ڇڏين؟“ پنهنجي وديا گرو جي آدرش موجب هن اهو اڪڻ بلڪل چڱيءَ طرح هٿڪو ڪري رکيو.

ڪجهه ڏينهن بعد وري اُهي ٻئي ڄڻا (وديا گرو ۽ وديارٿي) گڏهه تي چڙهي ڀرپاسي کان ماٿيلي ڏانهن روانا ٿيا. چار ميل اڳتي هليا ته ٻائي هاسارام کي اهو اڪڻ ياد آيو. ڪنور رام کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌائين، ”ڪنور، اهو لسو لڪڻ ٻاڻ سان ڪيئن الڳي ؟“ ”سائين، لڪڻ نه مون کان وسري ويو آهي.“ لمرٻا سان هن وراڻي ڏني. اهي لفظ ٻڌي ٻائي هاسارام جو غصو چوٽ چڙهي ويو ۽ ٻالڪ ڪنورام کي ٻه ـ ٽي چماٽون هڻي ڏنائين. چيائينس، ”مان هتي ويٺ هيئان ويٺو آهيان، تون واپس پٺاڻن وڃي اهو ساڳيو لڪڻ کڻي اچ.“ حڪم موجب ڪنورام ڊيڄهن لڳي جو واپس پٺاڻن وڃي اهو ساڳيو لڪڻ کڻي آيو. تڏهن وڃي ٻائي هاسارام جو غصو ڍرو ٿيو ۽ هو ٻئي مائيلي ڏاڏهن روانا ٿيا. اڄ پنهنجي استاد جا اهڙا انگل ۽ آرا ڪير سهندو؟

ڪنورام ٻال اوسٿا ۾ سچي عاشق جيان پنهنجي محبوب گرو جو وچن سدائين اکين تي رکندو هو. ڪڏهن عاشق والڳر سندس پير ڪڏهن به ڦٽي نه پيو. پنهنجي مرشد جي آگيا سدا سڪ سان مڃيندو هو.

”عاشــق سڀ مڃي آگيا عجيبن جــي
سامــي رهــي سڪ ۾ وچــن ڪيــن پڇــي
تــوڙي سر وڃــي ته به پير نه رجهي پوئتي.“

(سامي)

هڪ دفعي ساڌ، مبارڪ پور ۾ پٺاڻن دربار لاءِ جهولي ڪري ٻاهر ڪرڻ بعد ٻائي هاسارام پنهنجي شش ڪنورام سميت ڀڄن ويو، ۽ ”ڪنور، مهندو هنڌ وڃاءِ.“ ڪنورام پنهنجي گروءَ جي هنڌ وڃايو پر اهو ٻائي هاسارام کي پسند نه آيو. شايد هنڌ وڇائيندي ڪا ڪنورام کان غلطي ٿي وئي هجي. پس ان ڳالهه تي ٻائي هاسارام اچي ڪروڌ ڪيو. ڪنورام کي ڏاڍي مار ڏنائين.

لماڻي ۽ سياڻي ٻالڪ پنهنجي محبوب (گرو) جي مار کي ملي مثالي سمجهي صبر سان برداشت ڪيو.

نماڻو سنت ڪنور رام صاحب سوديشي پوشاڪ ۾

"جڏان غريبي سر ڌري سڀ شاهن کي شاهه
الل چتر لاهن ٻر جهلي واهه غريبي واهه!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



”جيئن سرهاڻ لڪل آهي گلن جي باغ ۾ تيئن اون اڪل آهين ٻڌهجي مڌ ۽ آواز ۾.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"ٻريان سندي ٻار جي، وڙيائي ملائي
ڪانهي ڪڙائي، چکڻ جي چِت ڪري."

(شاھ)

ڪنور رام پنهنجي اُستاد جي عمر سان ٻار سهڻو ٿيو ۽ زبان مان ٻڙڪ به ٻاهر نه ڪڍندو هو. اُلٽو پنهنجي گروءَ جي تن من سان سيوا ڪندو هو. سيوا ۽ ستسنگ اهڙي ڪيائين جو آخر ڪال سمي به ٻاٻي هاسارام کي پنهنجو پيارو ۽ آگياڪاري شش ڪنور رام ياد هو.

چوندا آهن ته ٻاٻي هاسارام جڏهن گهوٽڪي ۾ پران ڇڏي ڏيڻ لڳا تڏهن هن ڪنور رام کي ياد ڪندي پنهنجي اڇا ظاهر ڪئي ته، "مان جيڪر ڪنور جي جهوليءَ ۾ پنهنجا پران تياڳيان." اهو ٻڌي گهوٽڪيءَ جي ساڌن خاص ماڻهو سيڙائي يڪدم ڪنور رام ڏانهن موڪليو. ان وقت سائين ڪنور رام جروار ۾ پنهنجي گهر آرامي هئا. پنهنجي گروءَ جو نياپو ٻڌي يڪدم آيا ۽ سڌو گهوٽڪي آيا. ٻاٻي هاسارام جي چرڻن تي مستڪ رکيائون. هن پڇيو، "تون ڪير آهين؟" "سائين توهان جو غلام ڪنور،" جواب مليو. اهو ٻڌي ٻاٻي هاسارام پنهنجي شش ڪنور رام کي چيو، "ڪنور، ابا اچي وڃين! اسان تنهنجي لاءِ ترسيل آهيون." وڌيڪ ٻاٻي هاسارام فرمايو، "ڪنور، ڪال به ڪال آهي! پر اڄ هان هاسو به داسو آهي! اسان ڪال کي چيو هئن: ترس جيستائين ڪنور نه ايندو تيستائين اسان توسان ڪين هلنداسين. هاڻي، ٻچا، تون آيو آهين. اسان کي پنهنجي گود ۾ جهولي ڏي ته پران تياڳيون." اهو ٻڌي يڪدم ڪنور رام پنهنجي گرو کي پنهنجي گود ۾ سنڀاريو. اهڙي هئي گرو ۽ شش جي محبت! جيڪو گرو پنهنجي شش کي ننڍي عمر ۾ سختيءَ سان ماريندو هو ۽ ڪيترا ڪشٽ ڏيندو هو، تنهن آخر سمي اُن جي گود ۾ سمهي پران تياڳيا ۽ پنهنجو فخر محسوس ڪيو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"جي هتان هوت مرن
هوت تنهن جي هنج ۾."

(شاھ)

ٻالي آسارام ۾ هڪ لوهو هو ۽ لوڪ ڪلپ ورش هو. جڏهن جڳت جي جوليءَ ڇهڇهت ۽ جنجال کان ڀڄڻجي جند ڇڏائي سڀ جاوَ پنهنجي دربار ۾ ڪامل درويش ماتا صاحب جي اڳيان ارپڻ ڪئي هئي. هوڙي لوهو ورش لسي ڪال ڪڏهن هڪم هلائي نه سگهيو. ڪال (موت) ڪي به ڪجهه وقت الاءِ لوسٽو هو.

"ڪالي سڀ جڳ کائيا   ڪسي نه کايا ڪال
سي نر ڪال نه کائيا   جن ڇانڊيا سگل جنجال."

(ڪبير)

ششءَ جي گرو ڀڳتيءَ جو ورلن ڪرڻ بعد، منهنجي ڪلڪ هاڻي ان الم ناڪ ۽ غم ناڪ واقعي جو ورلن ڪندي جنهنجو لاڳاپو امر شهيد ڀڳت ڪنور رام جو ٻلدان ٿي لڳو. ڪرتار جي قدرت بي انت آهي. مون جهڙي ننڍي ٻڌي واري ليکڪ کي ڇا مجال جو ڪرتار جي ليلا جو انت پائي سگهي!

هيءَ ڳالهه سمجهه ۾ ڪين ٿي اچي ته ماتا صاحب، جا ٻالڪ ڪنور رام لئي هيڏو اڪن چڪن هئي، ڪيئن هيڏو پيار ڪندي هئي، تنهن ڪيئن ۽ ڇو بندوق لڳڻ جو هن کي سراپ ڏنو؟ منهنجو دماغ هي راز سمجهڻ کان قاصر آهي ۽ منهنجي ڪلڪ هيءَ ماجرا لکڻ کان ڪيٻائي ٿي! پر مان پنهنجي ڪلڪ کي سمجهايان ٿو ته، "اي ڪلڪ! ليکڪ جي ناتي مون کي پنهنجو فرض نڀائڻو آهي. تنهنجو به ڪرتويه آهي لکڻ، چاهي لوڪ اها ڳالهه وڻي يا نه."

"ڪاڪا ڪنهڙائيج ڪهڙي اڪ هي دردناڪ ڪهاڻي
ماتا جي سراپ سان ڪيئن ڪنور ڪئي موڪلاڻي؟"

(ڪلا نجا)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مٺي ٻيان ڪيو ويو ته آهي ٻالڪ ڪنور رام پنهنجي سڀاڳي
سڀاءَ، لطافت ۽ لطافتي سان پتافن دربار ۾ سڀني جي دل موهي
ڇڏي هئي. وڌيڪ سندس گلي ۾ هو مٺاج جنهن ڪري هو ڪو هن
کي ٻالتمند هو. ماتا صاحب ته ڪالنس ٻاڪ نه ٻري گيڻ پسند نه
ڪندي هئي، انتري قدر جو هوءَ ڪنهن جروارن پتا ماتا وٽ وڃڻ
جي موڪل ڏيڻ کان به ڪيٻائيندي هئي. لاچار ڏيهن جو چند
ڪلاڪن لاءِ هوءَ هن کي موڪل ڏيندي هئي جنهن هو پنهنجي
ٻيءَ ماءُ سان ڏيهن جو ملي وري واپس جو پتافن موٽي اچي.
واپس جو جڏهن پتافن جي دربار ۾ هري ڪيرتن ڪرڻ وقت ننڍڙو
ڪنوررام رسيلي آواز سان ڀڄن ڳائيندو هو ته سڀني جي دل
لري پوندي هئي.

هڪ دفعي ڀڳت سترامداس صاحب پتافن ۾ ڪنهن وواهه
جي موقعي تي ڪيرتن ڪرڻ لاءِ آيا. آس پاس جي خلقت هزارن
جي تعداد ۾ اچي گڏ ٿي. ان موقعي تي ٻالڪ ڪنور رام
پنهنجي ستگرو سائين سترامداس جي اڳيان مڌر آواز سان ڀڄن ڳايو.
هن کان اڳ هن پنهنجي ستگرو کي ڪا پٽسن ڪوهر ڏٺي سندس
دل موهي هئي. هن دفعي گلي جي مٺاج سان ۽ سريلي آواز سان
سندس دل موهي ورتي. هن جي سڀاءَ جي لطافت ۽ آواز جي مڌرتا
ڀڳت سترامداس جي رڳ رڳ ۾ پيهي ويئي. سندن اڇا اٿن
ته هيءُ ٻالڪ سندن ٽولي ۾ هميشه هجي. پر هو ڪيئن دل
سان ماتا صاحب کي نه چئي ڪين ٿي سگهيا ۽ اڪي ٻڌي ماتا
صاحب تي ڪنور رام جهڙي لاڏلي ٻار کي ڇڏڻ لاءِ تيار هئي.
سنت سترامداس صاحب پنهنجي اڇا پرگهٽ ڪرڻ کانسواءِ ٿي
ڀڄن ڪرڻ بعد رهڙڪي واپس ويا.

سنت سترامداس صاحب ڪامل سنت ۽ ولندي درويش
هئا. سندن اڇا ۾ اڻڀل شڪتي هئي، جنهن هيٺ هيڏ ڪيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڀائي ٽاراچند جي من ۾ خيال پيدا ٿيو ته، "بالڪ ڪنور، اسانجي فقط اکين جو نور آهي. مگر هو لعل ته سنڌس مالڪ ۽ مرڪيءَ جا سنڌ آهن. تنهن ڪري هاڻي ٻار سنڌ ن حوالي ڪجي ته چڱو ٿيندو!"

اهو خيال ڪري هو پنهنجي دربار ۾ آيو ۽ اچي ماتا صاحب کي پنهنجي دل جو حال ٻڌايائين. ماتا صاحب، "وڪائيل ٻارن اي ڪهڙي دعوي؟" لفظ چئي خاموش ٿي ويئي. ڀائي ٽاراچند پنهنجي ڪومل ڪنول جي گل کي ماتا صاحب جي هٿن مان ڇني وڃي پڪيت سترامداس صاحب جي چرڻن ۾ ڀيٽ ڪيو. سياڻا چوندا آهن ته:

"سؤ بندگي نه هڪ رضامندگي."

ڀائي ٽاراچند، ماتا صاحب جي دل ولچ ڪري، پنهنجي بالڪ ڪنورام کي واپس ورتو، جنهنجو نتيجو ڀاري نڪتو. ان وقت ته ماتا صاحب خاموش ٿي ويئي. جيتوڻيڪ سندس دل کي ڌاڍي چوٽ رسي ته به هوءَ شانت رهي.

بالڪ ڪنورام جي وڃڻ کان پوءِ پنهنجي دربار ۾ ڪرڻ وقت هر هڪ ساڌ توڙي شردڌاري ان جي غير موجودگي جو حال محسوس ڪرڻ لڳو. خود ماتا صاحب پڻ ڪنورام بنا اداس ۽ غمگين رهڻ لڳي. پنهنجي دل ۾ ڀائي ٽاراچند ۽ سندس پٽ ڪنورام جي جدائي لئي ذڪر ڪرڻ لڳي. ڪيس خواب ۾ به اهو خيال ڪونه آيو هو ته هڪ ڏينهن ڪنورام ڪيس ڇڏي هليو ويندو. هوءَ دل ۾ انهي درد ۽ سور سانڍيندي رهي. آخر سندس دل ڪنورام جا سور سانڍي نه سگهي ۽ انهي سراپ جي روپ ۾ پاڻمرادو زبان ذريعي اُڪيا. هوءَ هڪ ڏينهن الهيءَ چنتا ۾ رهڻ ڪري لئي ڪنهن ڪم لئي سمهي پيئي هئي ته هڪ شردڌاري ڪيس مٿو نهڪي ويهي رهيو ۽ چوڻ لڳو، "ماتا، ڪنورام جي وڃڻ کان پوءِ نڪالي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ بعد ۾ ڪوڙ تي لطو اچي."

بس اهي لفظ ٻڌي، ماتا صاحب، جا اکيون اڳ ۾ ئي ڇنڀا ۽ وڃل هيون، ڪروڌ ۾ اچي مک مان لفظ ڪڍيا:

"مٺي بندوق لڳي جو ناٿو ٿي منهنجي اکيان ۾ ڪڍ."

هو، ڪامل درويش هئي. سندس وچن ۾ اٿاه شڪتي سمائل هئي. ڪروڌ ۾ اچي پنهنجي پياري بالڪ کي جو سراپ ڏنائين سو اڳتي هلي صحيح ثابت ٿيو. سنڌ جي سرو مٺي ٻڪٽ ۽ لاثاني لاڪيٽي لعل، بندوق جو شڪار ٿي شهادت جو جام پيتو. شايد وڌاتا ڪنور رام جي قسمت ۾ اهڙو انت لکي ڇڏيو هو. هو انت ته ضرور هو ته سراپ جو بهانو بڻجي اوشيه ائين ٿيڻو هو.

"لکيو منجهه نراڙ قلم ڪياڙي نسا وهي
ٻاڙيو ويڻي ٻاڙ جيڪي لاڻن لکيو لوح ۾."

(شاهه)

سنت ڪنورام صاحب جو پرم شش

ديوان ڪرمچند ڌارانڌاس آهوجا (عمر ٩٣ سال)

“ڏاتا ڏ. آهي ڏاتا ڏي

جو وهي سو لهي.”

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رهڙڪيءَ ۾ امر شهيد جي ڏيوري (سماڌي) ستگرو جي چرنن ۾



"شهيدون ڪي چتائون پر لگين گي هر برس ميلي
وطن په مرني والون ڪا يهي باقي نشان هوگا."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نمرتا ۽ نهٺائي

چوندا آهن، "ميويدار وڻ نمي جهڪي ٿو." جيئن وڻ ۾
ميوو نه ٿو ٿئي سو اڀو ٿي بيهي ٿو. اهڙو ئي حال آهي منش جو.
ڪنهن به منش جي مهانتا سندس قد ۽ قامت، پوشاڪ ۽ خوراڪ، ڌن
۽ دولت تي مدار نٿي رکي پر مدار رکي ٿي سندس نمرتا، نماڻائي،
نهٺائي، سهن شيلتا ۽ سيتلتا تي! سنت ڪنور رام جي مهانتا جو
راز سندن نهٺائي ۽ نماڻائي ۾ سمايل آهي. سندن پروگرام ۾ هزارن
هزارين لکين روپيه دان طور غريبن ۽ محتاجن ڏانهن ويندا هئا، پر
ڪين ذري ماتر به اهنڪار ۽ ابيمان نه ٿيندو هو. ڪي ماڻهو دان
ڏيئي ڏيکاءُ ڪندا آهن. سائين ڪنور رام غريبن کي نه فقط دان
ڏيندا هئا، پر انهن اڳيان هٿ جوڙي منٺا ٻول ٻوليندا هئا ۽ سندن
پيهنجي هٿن سان شيوا ڪندا هئا.

"مٺا ٻول نئڻ چلڻ هٿون ڀي ڪجهه دين،
رب تنان دي بغل وچ
سي ڪيون جهنگل ڍونڍين؟"

ارٿ:- پرماتما انهن جي بغل ۾ اچي واسو ڪري ٿو جيڪي نمرتا
۽ نماڻائي اختيار ڪري منٺا ۽ مڌر وچن ٻولي، غريبن کي
دان ڏين ٿا. اهڙن مهان پرشن کي جهنگ ۾ وڃي ايشور
جي ڳولا ڪرڻ جي ضرورت نه آهي. ايشور وٽن خود
اچي ٿو.

مٿئين سلوڪ جو هر هڪ لفظ سنت ڪنور رام سان لاڳو
ٿئي ٿو. هو نمرتا ۽ نماڻائي جا پتلا ۽ نهٺائي جا مجسما هئا. هو
ڪنهن سان ڳالهائيندا هئا ته هٿ جوڙي ڳالهائيندا هئا. ڪڏهن ڪنهن
پيرن ٻوٽ نه ڏيندا هئا. جيڪڏهن ڪو ماڻهو سندن پير ڇهندو هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏيهه هو سڌس نمون ته هي همٿ وڪندا هئا ۽ ڳالهين آسيس وٺندا
هئا. هو پيراڻن پنهنجا هئا. سڀ سان لڳاءُ ۽ نياز سان هلندا هئا.
مکيه سڏائيس هو ته، "دلدار کـي دل ڏجي ۽ اغيار کـي
سڌن نياز ڏجي."

"يـارا را دل دهم اغيار نياز
هر دل را از نياز خوش بساز."

ارٿ:- پارسيءَ جو شاعر فرمائي ٿو ته پنهنجن کي دلي پيار ۽ پريم ڏجي ۽ پراون کي عزت ۽ نياز ڏجي. ادب ۽ نياز ذريعي هر دل کي خوش رکجي.

سنڌي نمونا، سڌن چٺين ۽ خطن مان ظاهر آهي. هو سنڌي ٻاشا ۾ گرمکي لپيءَ ۾ چٺيون ۽ خط لکندا هئا. سڌن خطن لکڻ جو نمونو نرالو ۽ انوکو هو. هن پستڪ ۾ سڌن پوڙ همٿ اکرن جو اونو ڏجي ٿو جنهن پڙهڻ پاٺڪ سنڌ جي سرتاج ۽ شرومڻي يگمت صاحب جا همٿ اکر ڏسي پنهنجون اکيون ۽ هيئڙون ٺارين.

هو هميشه هر هڪ خط جي شروعات هيئن ڪندا هئا:-

"هر پهر غلام ڪنور جـي واچڻي، ديا ڪرپا ڪرڻي جنهن لڄ ۽ پت جـي رهجي اچي ۽ اڄ چس اچي." چٺيءَ ۾ هو پاڻ کـي غلام يا داس چوائيندا هئا ۽ هيڏي ڪماتي ڪرڻ کـان پوءِ به هر هڪ کان چٺيءَ ۾ آسيس گهرندا هئا. پنهنجن سڪن، شيوڪن ۽ شرڌالن کي به اهڙي نموني جون چٺيون لکندا هئا. هڪ ڀيري هڪ شرڌالوءَ کين وينتي ڪئي ته "سائين، اسان توهان جا شيوڪ آهيون، توهين اسان جا پوڄيه آهيو. توهان اسان ڏانهن خطن ۾ پاڻ کي غلام ڇو لکندا آهيو؟"

سدا ديال ۽ نماڻي مورت سنت ڪنور رام صاحب اکڊ ۾ فرمائڻ لڳا:-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"سڀڪو ڏوهي آپ ڪئي ٻئي ڪئي ڏوهي نہ ڪوءِ
ڏر ڪرازو ڏوهه ٿي ڏوهي سو ڀورا هوءِ"
(گروائي)

ارٿ:- هر هڪ ماڻهو پاڻ کي ئي لمي ٿو ۽ ٻئي اڳيان. ڌاراڪي جو هڪڙو ٻار لمي او سوڙي ڀورو ليکو رهي ٿو.

هڪ دفعي جي ڳالهه ڪندا آهن تہ مالهيدن ڌرٻار جي گدي لڻهن سوامي داوتداس صاحب ٻڌيچي شش شري اسرمل کي سائين ڪنور رام ڌالهن موڪليو اٿي تہ لاءِ ۽ هو سائين کي ورسي ۾ جي مرهي ٿي مالهيدن وارو اچي. شري اسرمل ڀڳت صاحب جو درشن هن ڪان اڳ ڪونہ ڪيو هو. لاهن ڪري هن رهڙڪي پهچ ڪان اڳ ٻڌيچي من ۾ ڪليا پٽي ڪئي تہ ڀڳت صاحب جو جيڪو تالو آهي اوڏو ئي سنڌ ۾ شان، ٻيڪر ادب هوندو. هو ڏهرڪي اسٽيشن تي لهي ٽانگي ۾ چاڙهي رهڙڪي ۾ آيو.

ان وقت سائين ڪنور رام، ٻڌيچي ستگرو سترامداس صاحب جي ستڪاب پوري ڪرڻ لاءِ رهڙڪي ۾ مسافر خانو ٺهرائي رهيا هئا. سنڌ ۾ ستگروءَ هڪ دفعي ٻڌيچي اچا ٻر ڪهت ڪئي هئي تہ، "ڪنور، هن جڳهہ تي جيڪر مسافر خانو ٺهرائجي تہ ڏاڍو سٺو ٿيندو." ٻڌيچي گرديو جي اچا موجب، سائين جن مسافرخاني جو ڪم شروع ڪرايو. جنهن وقت شري اسرمل رهڙڪي پهتو ان وقت سائين ڪنور رام خود مٽيءَ جي ڳاري مٿي تي کڻي ڪاريگرن کي پهچائي رهيا هئا ۽ پاڻ مزور بڻجي سيوا ڪري رهيا هئا. شري اسرمل ٻڌيچي من ۾ ڪليا پٽي ڪئي تہ سائين ڪنور رام هڪ سنڌ جي گدي جا وارث ۽ سنگهاسن تي شان ۽ شوڪت سان براجمان هوندا ۽ اڳڪيدار هوندي.

رهڻ ڪجي؟ پوءِ ٿري ٻصرمل هڪ شهواداري کان پڇيو، "سائين ٽڪورام ڪٿي آهن؟ مولڪي سائين ملڻو آهي." شهواداري ورائيو، "سامهون جنهن جي مٿي تي ٽکاري آهي سو ٻگيس صاحب آهي."
اهو ٻڌي ٻالي ٻصرمل شهواداري کي چيو، "ادا، مان ٻاهران آيل مهمان آهيان. مهمان سان ٻه اهڙا چرچا ڪجا آهن! مان اوهان کان پڇيم ٻگيس صاحب لاءِ ٻڌي رهيو آهيان ۽ توهان هڪ مزور ڏانهن اشارو ڪري مون سان مخول بازي ڪري رهيا آهيو! الهن اوهان کي ڪرڻ نه جڳائي."

انهيءَ ۾ سائين ٽڪورام به اچي آيا. سندن مٿي تي ٽکاري هئي. ٻصرمل کان پڇيائون، "ادا اوهان ڪنهن لاءِ پڇي رهيا آهيو؟" هن ورائيو، "مان، سائين ٽڪورام سان ملڻ چاهيان ٿو. هي ماڻهو مولڪي ٻورو ڏس ٻتو ڏيڻ ٻدران مون سان چرچو ڪري رهيو آهي."

اهو ٻڌي ٻگيس صاحب ٻالي ٻصرمل کي وراڻي ڏنائين، "ادا، ڪهڙو هن شهر جو ٽالو آهي. توهان ڪٿان آيا آهيو؟ هن داس لاءِ ڪهڙو حڪم آهي؟" ٿري ٻصرمل وائڙو ٿي ويو. هن ڏٺو ته سنڌ جو سرونشي ٻگيس صاحب جنهنجي اڳيان هزارين ماڻهو سر جهڪائيندا آهن، سو مزور جي روپ ۾ مٿي تي ٽکاري کڻي شهوا پيو ڪري! هو يڪدم سائين جي پيرن تي ڪري پيو ۽ پوءِ پنهنجي اچڻ جو سربستو احوال کين ٻڌايائين.

ٻرمالما الهن ٻگڻ جي وس ۾ اچي ڪو جي ٻاڻ کي سڀ جو داس سڏائي، هيناهين وانگر اختيار ڪري سيوا ڪن ٿا ۽ پنهنجي زبان سان مٺڙا ۽ مٺو ٻول ٻولين ٿا. گرو نانڪ ديو فرمائين ٿا:

ڪوڻ سو اکر ڪوڻ گڻ   ڪوڻ سو منڪا منت؟
ڪوڻ سو ويس هئُن ڪري   جت وس آوي ڪنت؟"
(گروالي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ارٿ:- اهو ڪهڙو اکر نه معتبر آهي جنهنجي اچارڻ سان انڀور وس اچي سگهي ٿو؟ اهو ڪهڙو ڳڻ آهي؟ ڪهڙو زيور آهي؟ ڪهڙي پوشاڪ آهي؟ جنهنجي پائڻ سان پرميشور کي هٿ ڪجي. مٿين سوال جو جواب خود گرو نانڪ ديو ڏين ٿا.

نوڻ سو اکر کوڻ گڻ جهبا مڻيا منت

اي تري ڀيڻي ويس ڪر تان وس آويئي ڪنت.

(گروباڻي)

ارٿ:- اهو اکر نمرتا جو آهي، اهو ڳڻ کميا جو آهي ۽ اهو مٺو ۽ معتبر مٺي زبان آهي جنهن وسيلي پرماتما وس اچي سگهي ٿو. جڏهن مٿين ٽنهي ڳڻن (نمرتا، کميا ۽ مٺرتا) واري پوشاڪ پهري ٿو تڏهن سندس سندر ويس تي انڀور ريجهي وٽس اچي کيس درشن ڏئي ٿو.

هڪ ڏينهن جي ڳالهه ڪندا آهن ته پنڪت صاحب مالجهندن ورسيءَ جي موقعي تي پڙهن ڪرڻ لاءِ ويا. ان وقت مالجهندن دربار ۾ بابو صاحب ڏيهه ڀداس گديءَ تي براجمان هو. جڏهن اهي پنڪت صاحب دربار ۾ پڌاريا تڏهن بابو صاحب گدي ڇڏي سندن جي سواگت لاءِ ڪجهه اڳتي آيو ۽ سائين ڪيور رام کي پيران پون لاءِ هٿ ڏيکاڙيائين. پر پنڪت صاحب سندس هٿ کي پڪڙي ورتو ۽ ڳڻ سو نوالي بابي صاحب جي چرنن کي هٿ لائڻ لڳا، سائين، توهان هيڏي وڏي دربار جي گديءَ جا مالڪ ۽ پيو؟ ڪيور هڪ ننڍي گرهستي وارا! ڪيور ڪسي ڪمئن ٿا اوهين پيران ڪيور توهان جو غلام آهي.

سائين ڪيور رام جا نمرتا ۽ نماڻائي جا شبد ٻڌي بابي صاحب جي اکين ۾ پريم جا آنسو ڀرجي آيا. آلين اکين سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻالو صاحب، سالگرهه کي ڏاڪڙ ٻالي جوڙ لکيو، "ڀڳت صاحب!
اوهان جي نمرتا ۽ ٿڌائي اڄمان اسان جو ڪنڌ جهڪيل ٿو رهي.
اوهان ٻل هولڊي ٻالڪ کي ٿيل سڏائي، اسان جي دلين تي جادو
هو الو پيدا ڪيو ٿا."

"هولڊي ٻيل ٿيل   سامي ڏٺا سلت جن
جن ماري من مواس کي جميا پنجئي دل
ڌرتي ۽ آڪاش جي رکن ساري ڪل
ڪئي سڀ حلل ٿيوان چان ٿمر جهان."

(سامي)

ڳالهه ڪجهه اهڙي آهي ته هڪ ڀيري ڀڳت صاحب ساڌٻيلي ۾ اچڻ ڪرڻ لاءِ ويا. ساڌٻيلو سکر شهر ۾ سنڌو درياهه جي وچ هنڌن هو مکيه ٿيرٿ آستان آهي، جتي ان وقت سوامي هرنامداس گديءَ تي براجمان هئا. سوامي هرنامداس پنهنجي سنت منڊلي کي ساڻ وٺي ڀڳت صاحب جي سواگت ڪرڻ لاءِ درياهه جي ڪناري تي اچي بيٺا. هو ڀڳت صاحب کي سنمان ڏيئي اندر وٺي آيا ۽ کين ٻالڪ سان گڏ آسڻ تي ويهڻ لاءِ چيائون. سالگرهه آسڻ تي ويهڻ کان انڪار ڪيو. سوامي هرنامداس کيس چيائون، "سالگ، اوهان مهان سنت آهيو. غلام ڪنور هڪ گرهستي وارو آهي. توهان سان گڏ آسڻ تي ڪيئن ويهندو؟" سالگ ڪنور رام جي ٿڌائي ڏسي سوامي هرنامداس فرمايو، "ڀڳت صاحب! اوهين ڌنيه آهيو! اوهان ڪيترن هولڊي ۾ ٻالڪ کي ڪيچ ڪونايو ٿا. جو منهن ٻالڪ کي سڀ جي حاڪ سڏائي ٿو سوئي سريشٽ سنت آهي."

"ايهس ڪڻ جو جاڻي نيچا
سو ئو ڪهيٽي سڀ تي اوچا"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book